روزاني

سنڌيار

سکر

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد 02) جمعو 02 جون 2023ع بمطابق 12 ذوالقعد 1444هـ (قيمت 05 روپيا) شمارو 08

تحريڪ انصاف جو صدر چوڌري پرويز الاهي لاهور مان گرفتار

چوڌري پرويز الاهي کي لاهور ۾ سندس گهر ۾ سان گرفتار ڪيو ويو، پرويز الاهي کي اينٽي ڪرپشن پوليس گرفتار ڪيو

چوڌري پرويز الاهي پنهنجي گاڏي ۾ وڃي رهيو هو ته پوليس گاڏي روڪي ڪيس گرفتار ڪيو، اينٽي ڪرپشن عملدار پرويز الاهي کي ٻي گاڏي ۾ ويهاري گڏ وٺي ويا

پرويز الاهي پوليس کي گهربل هوءِ ڪيس فرار ٿيڻ جي ڪوشش ۾ گرفتار ڪيو ويو، چوڌري پرويز الاهي جي گرفتاري دوران مزاحمت به ڪئي وئي : عامر مير

جنهن گاڏي ۾ هو موجود هو، اها بلٽ پروف هئي، در کولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته در نه کليو، جنهن کانپوءِ گاڏي جا شيشا ڀڃڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

پرويز الاهي ڪرپشن جي ڪيس ۾ عدالت ۾ عبوري ضمانت جي درخواست داخل ڪئي هئي پر گوجرانوالا جي اينٽي ڪرپشن عدالت چوڌري پرويز الاهي جي درخواست رد ڪري ڇڏي هئي

پوليس طرفان ان کان اڳ به چوڌري پرويز الاهي جي گرفتاري لاءِ ڪيترائي ڇاپا هنيا ويا هئا پر ان جي گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي هئي

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف جي صدر چوڌري پرويز الاهي کي گرفتار ڪيو ويو، چوڌري پرويز الاهي کي اينٽي ڪرپشن پوليس گرفتار ڪيو ويو، پرويز الاهي کي اينٽي ڪرپشن عملدار پرويز الاهي کي ٻي گاڏي ۾ ويهاري گڏ وٺي ويا، چوڌري پرويز الاهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: چوڌري پرويز الاهي کي گهر پرسان اينٽي ڪرپشن پوليس گرفتار ڪري رهي آهي

پوليس گرفتار ڪيو، ذريعن موجب چوڌري پرويز الاهي پنهنجي گاڏي ۾ وڃي رهيو هو ته

مرڪزي بئنڪ جا قدم، اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي وڏي ٻي قدري، رپيو چڙهي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اوپن مارڪيٽ پاڪستاني رپئي جو قدر 11 رپيا 50 پئسا وڌڻ ڪانپوءِ ڊالر 299 رپين 50 پئسن جي سطح تي اچي ويو، اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان عالمي ادائيگي جي نظام ۾ ڪارو جي بنياد تي سرحد پار ڏي وٺ لاءِ بئنڪن کي انٽر بئنڪ مارڪيٽ مان آمريڪي ڊالر حاصل ڪرڻ جي اجازت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

حڪومت کي عدالتي قانون سازي تي سپريم ڪورٽ سان صلاح ڪرڻ گهرجي: چيف جسٽس

اٽارني جنرل صاحب توهان کي ڪجهه چوڻو هو (جسٽس عمر عطا بنديال) اسان وٽ به قانون آهن، هڪ سپريم ڪورٽ ريويو آف آرڊر اينڊ ججمينٽ ايڪٽ، ٻيو سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ آهي : اٽارني جنرل

هو پارليامينٽ کان پڇي سگهن ٿا ته نئن قانونن جي هر آهنگي کي ڏسجي، هو توهان جي تجويز کي پليڪار ڪري ٿو، سڀني ڳالهه آهي ته پارليامينٽ ۽ حڪومت هڪ ئي قانون ۾ ترميم ڪري رهيا آهن : چيف جسٽس

قانون ساڳيا آهن ته پوءِ حل ٿي سگهي ٿو يا نه؟ جيڪڏهن ضابطا ساڳيا آهن ان ڪري فل ڪورٽ درخواستون ٻڌڻ وقت ضايع ٿيندو: جسٽس محمد علي مظهر

سڀ وڪيل هتي آهن، پرانهن کي ڏسي مان پنهنجو جملو نه ورجائيندس، هڪ طريقو اهو آهي ته توهان ٻئي قانون بابت سوچيو ۽ اسان به صلاح ڪريون : چيف جسٽس

عدالت پارليامينٽ کان ڪارروائي جو طلب ڪئي هئي (درخواستگذار جو وڪيل) اخبارن موجب پارليامينٽ عدالت کي ڪارروائي فراهم ڪرڻ کان انڪار ڪيو : چيف جسٽس

ايندڙ هفتي ڪيس جي ٻڌڻي ڪنداسين، ڊگهي سفر کانپوءِ ڪراچي کان آيل سمورن وڪيلن کان معذرت ڪريان ٿو : ٻڌڻي دوران ريمارڪس

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ ۾ چيف جسٽس جي اختيارن ۾ تبديلي ۽ پائمرادو نوٽيس جي طريقيڪار بابت سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڈ پروسيجر ايڪٽ جي قانون خلاف ڪيس جي ٻڌڻي دوران چيف جسٽس چيو ته حڪومت عدليه جي قانون سازي بابت سپريم ڪورٽ سان صلاح ڪري، چيف جسٽس پاڪستان جي سربراهي ۾ 8 رڪني لارجر بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

چيف جسٽس عمر عطا بنديال (فائيل فوٽو)

جهانگير ترين پنهنجي سياسي جماعت جي رجسٽريشن لاءِ هدايتون جاري ڪري ڇڏيون

اليڪشن ڪميشن ۾ پارٽي جي رجسٽريشن بابت ليگل ٽيم کي هدايتون جاري ڪيون ويون

جهانگير ترين پنهنجي نااهلي بابت امڪاني پٽيشن تي به ليگل ٽيم سان مشاورت ڪئي

جهانگير ترين اسلام آباد کان لاهور پهچندو ۽ اهم ترين شخصيتن سان ملاقاتون ڪندو : ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) سينيئر سياستدان جهانگير ترين طرفان پنهنجي نئين سياسي جماعت ناهڻ لاءِ مشاورتي عمل جاري آهي، جهانگير ترين اسلام آباد ۾ پنهنجي ليگل ٽيم سان به مشاورت ڪئي آهي ۽ هن اليڪشن ڪميشن ۾ پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

وزيراعظم قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس سڏائي ورتو

قومي سلامتي ڪميٽي اجلاس ۾ سويلين ۽ عسڪري قيادت شريڪ ٿيندي

اجلاس ۾ آرمي چيف ۽ وفاقي وزير به شرڪت ڪندا

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس طلب ڪري ورتو، ذريعن موجب قومي سلامتي ڪميٽي اجلاس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

بلوچستان: دهشتگردن جو چوڪي تي حملو، 2 اهلڪار شهيد

بلوچستان ۾ دهشتگردن پاڪ—ايران سرحد تي سيڪيورٽي فورسز جي چوڪي کي نشانو بڻايو

فوجي جوانن دهشتگردن کي بهادري سان جواب ڏنو، جڏهن ته مقابلي ۾ وڙهندي به سپاهي شهيد ٿي ويا

راولپنڊي (م ڊ) بلوچستان جي ضلعي ڪيچ جي علاقي سنگوان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي چوڪي تي حملي ۾ به اهلڪار شهيد ٿي ويا، آءِ ايس پي آر موجب بلوچستان ۾ دهشتگردن پاڪ — ايران سرحد تي سيڪيورٽي فورسز جي چوڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان ايم اين اي رياض الحق ملاقات ڪري رهيو آهي

ملڪ ۾ مهانگائي تاريخ جي بلند ترين 38 سيڪڙو تي پهچي وئي

مئي ۾ مهانگي تقريبن 4 سيڪڙو وڌيڪ رهي، تعليم، صحت، بجلي، گئس ۽ پارڻ سميت هر شئي مهانگي ٿي وئي

ناٿي واري وزارت مئي ۾ مهانگائي جو ڪاٿو 34 کان 36 سيڪڙو لڳايو هو

شهري علائقن ۾ مهانگائي 35.1 سيڪڙو جي سطح تي رڪارڊ ڪئي وئي

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ ۾ مهانگائي تاريخ جي بلند ترين 38 سيڪڙو تي پهچي وئي، مئي ۾ مهانگي تقريبن 4 سيڪڙو وڌيڪ رهي، تعليم، صحت، بجلي، گئس ۽ پارڻ سميت هر شئي مهانگي ٿي وئي، ناٿي واري وزارت مئي ۾ مهانگائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي سرڪلر ريلوي جي منصوبي تي ڪم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت هڪ پيرو ٻيهر چين سان رابطو ڪري ورتو

وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ڪراچي سرڪلر ريلوي بابت اجلاس ٿيو، جنهن ۾ منصوبي جو جائزو ورتو ويو

ڪي سي آر منصوبو ٻيهر جائنيز اختيارين کي موڪليو ويو آهي، اميد ته منظور ٿي ويندو : مراد علي شاهه

سنڌ حڪومت ڪي سي آر منصوبي کي جلد شروع ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي

ڪي سي آر منصوبي جي ايراضي جو مسئلو جلد حل ڪري هڪ هفتي اندر رپورٽ پيش ڪئي وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي سرڪلر ريلوي جي منصوبي تي ڪم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت هڪ پيرو ٻيهر چين سان رابطو ڪري ورتو ۽ منصوبي جي منظوري لاءِ ڪوشش شروع ڪري ڇڏيون آهن، سنڌ حڪومت جي ترجمان موجب وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ڪراچي سرڪلر ريلوي بابت اجلاس ٿيو، جنهن ۾ منصوبي جو جائزو ورتو ويو، مراد علي شاهه چيو ته ڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪارو جادو ڪندڙ پيءُ ڇري سان پنهنجي ئي پٽ کي ڪُهي ڇڏيو

لاهور (م ڊ) لاهور ۾ ڪارو جادو ڪندڙ پيءُ ڇري سان پنهنجي ئي پٽ کي ڪُهي ڇڏيو باغبانپورا، محمود بوٽي ۾ ڪارو جادو ڪندڙ پيءُ رفيق پنهنجي 13 ورهين جي پٽ آذان کي ڇري سان ڳلو ڪري ماري ڇڏيو، ذريعن موجب آذان اسڪول ويندي پيءُ کي گڏ وٺي ويو، هو پيءُ کي چوندو رهيو ته اڄ منهنجي اسڪول ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ڪراچي سرڪلر ريلوي بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

پاڪستان آءِ ايم ايف کان نئون بيل آئوٽ پيڪيج حاصل ڪرڻ جو خواهشمند

اسلام آباد پنهنجي سياسي معاملن ۾ مداخلت تي آءِ ايم ايف کي تنقيد جو نشانو به بڻايو

وزيراعظم شهباز شريف ايم ڊي ڪرسٽالينا جارجيوا سان ٽيليفونڪ گفتگو دوران فالو اپ بيل آئوٽ پيڪيج جي خواهش جو اظهار ڪيو

آءِ ايم ايف سربراهه هڪ ٻئي آءِ ايم ايف پيڪيج جي ضرور بابت وزيراعظم جي خيالن جو هاڪاري جواب ڏنو : ذريعا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف آءِ ايم ايف جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر کي آگاهه ڪيو آهي ته پاڪستان هڪ نئون بيل آئوٽ پيڪيج حاصل ڪرڻ جو خواهشمند آهي، ٻئي پاسي اسلام آباد پنهنجي سياسي معاملن ۾ مداخلت تي آءِ ايم ايف کي تنقيد جو نشانو به بڻايو آهي، وزيراعظم شهباز شريف آءِ ايم ايف جي ايم ڊي ڪرسٽالينا جارجيوا سان پنهنجي ٽيليفونڪ گفتگو دوران فالو اپ بيل آئوٽ پيڪيج جي خواهش جو اظهار ڪيو، پاڪستان جو موجوده 6.5 بلين ڊالر جو پروگرام گذريل 7 مهينن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پي ٽي آءِ سان گڏ هيس، آهيان ۽ رهندس : شاهه محمود قريشي

شاهه محمود قريشي سان اڊيالا جيل ۾ سندس ڌيءُ گوهر بانو قريشي ملاقات ڪئي

وڪيل جي شاهه محمود قريشي سان قانوني معاملن تي اهم مشاورت ٿي

راولپنڊي (م ڊ) تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي هڪ پيرو ٻيهر چيو آهي ته پي ٽي آءِ سان گڏ هيس، آهيان ۽ رهندس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: رفاقي وزير اسحاق ڊار بجيٽ جي حوالي سان ٽيل اجلاس جي صدارت ڪندي

امير بخش پٽي ۽ الله بخش انڙ پاران پي ٽي آءِ ڇڏڻ جو اعلان

فوج تي حملا دهشتگردي آهي آئون پارٽي جي ماٿهن کي اڳ ئي چئي ڇڏيو هو ته هاڻ سياست نٿو ڪري سگهان : امير بخش پٽو

سنڌ نيشنل فرنٽ پي ٽي آءِ ۾ ضم ڪئي ته ڪجهه شرطون رکيو ويون هيون جنهن جا واعدا ڪيا ويا هئا پر انهن تي عمل نه ڪيو ويو

سيف الله ابڙو کان عمران اسماعيل 45 ڪروڙ گهريا هئا، تحريڪ انصاف سنڌ سدائين ٺيڪيدارن جي اڏهيٽ رهي

ڪراچي (م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ امير بخش پٽي ۽ الله بخش انڙ سائين سوڌو پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو، امير بخش پٽي ميڊيا سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پي ٽي آءِ اڳواڻ امير بخش پٽو

آمريڪا جي ڏيوالي ٿيڻ جو خطرو ٽري ويو

قرض جي حد وڌائڻ جو پروسيجرل ووٽ منظور ڪيو ويو

ايوان ۾ ڪارروائي بابت ٺهراءُ 187 جي ڀيٽ ۾ 241 ووٽن سان منظور ڪيو ويو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا جي ڏيوالي ٿيڻ جو خطرو ٽري ويو، قرض جي حد وڌائڻ جو پروسيجرل ووٽ منظور ڪيو ويو، بل هاڻ ايوان نمائيندن ۾ پيش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

منظور وساڻ، فواد چوڌري جي پ پ ۾ واپسيءَ جو خواب ڏسي ورتو

بشريٰ بي بي عمران خان جو سات چڏي ڏيندي، اهڙيون حالتون به هونديون آهن جو زالون مڙسن کي چڏي ڏيندين آهن : منظور وساڻ

پي ٽي آءِ چڏيندڙ ڪوڙ ماٿهو پ پ ۾ اچي رهيا آهن، انهن سيني کي خبر آهي ته انهن جو مستقبل پ پ ۽ بلاول ڀٽو سان آهي

شيخ رشيد جو ڪو مستقبل ناهي، جڏهن ته فواد چوڌري پرائو جيالو آهي، هو پ پ ۾ موٽي ايندو، فواد اسان جو هو ۽ اسان جو ئي رهندو

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پ پ اڳواڻ منظور وساڻ فواد چوڌري، شيخ رشيد ۽ بشريٰ بي بي بابت اڳڪئي ڪئي آهي، پنهنجي بيان ۾ منظور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پ پ اڳواڻ منظور وساڻ ۽ فواد چوڌري

اوگرا طرفان ايل پي جي اگهه ۾ لاٿ ڪئي وئي

آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي اگهن ۾ لاٿ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

في ڪلو ايل پي جي 196 رپيا 75 پئسا سستي ٿيڻ کانپوءِ 196 رپين 75 پئسن جي ٿي وئي

اسلام آباد (م ڊ) اوگرا طرفان ايل پي جي اگهه ۾ لاٿ ڪئي وئي آهي، آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) اگهن ۾ لاٿ جو نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پاڪستان جي ڊيفالٽ جو خطرو ٽري ويو

آئي ايم ايف جي بورڊ 3 ارب ڊالر جي قرضن جي منظوري ڏئي ڇڏي

پاڪستان کي 1.1 ارب ڊالر جي قسط ملندي، 2 ارب ڊالر رولوور ٿيندا

آئي ايم ايف جي مشن جي سربراهه ناٿن پورٽر جو پاڪستان جي معيشت تي اظهار خيال

پاڪستان کي 6.5 بلين ڊالر جو پروگرام گذريل 7 مهينن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي سرڪلر ريلوي جي منصوبي تي ڪم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت هڪ پيرو ٻيهر چين سان رابطو ڪري ورتو

وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ڪراچي سرڪلر ريلوي بابت اجلاس ٿيو، جنهن ۾ منصوبي جو جائزو ورتو ويو

ڪي سي آر منصوبو ٻيهر جائنيز اختيارين کي موڪليو ويو آهي، اميد ته منظور ٿي ويندو : مراد علي شاهه

سنڌ حڪومت ڪي سي آر منصوبي کي جلد شروع ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي

ڪي سي آر منصوبي جي ايراضي جو مسئلو جلد حل ڪري هڪ هفتي اندر رپورٽ پيش ڪئي وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي سرڪلر ريلوي جي منصوبي تي ڪم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت هڪ پيرو ٻيهر چين سان رابطو ڪري ورتو ۽ منصوبي جي منظوري لاءِ ڪوشش شروع ڪري ڇڏيون آهن، سنڌ حڪومت جي ترجمان موجب وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ڪراچي سرڪلر ريلوي بابت اجلاس ٿيو، جنهن ۾ منصوبي جو جائزو ورتو ويو، مراد علي شاهه چيو ته ڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ڪراچي سرڪلر ريلوي بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

بلوچستان ۾ هٿياربندن جو پيٽرول پمپ تي حملو، هڪ ملازم اغوا

هٿياربندن پيٽرول پمپ تي چڙهائي ڪري فائرنگ بعد 2 جڻن کي اغوا ڪيو

اغوا ڪيل سڪندر کي رستي ۾ چڏي عبدالنبي ڪوسو کي ڪنيي ويا

پيٽرول تي انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي وئي، وڏي مقدار ۾ گولين جا کول هٽ ڪيا ويا

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ ۾ پيٽرول پمپ تي ڪم ڪندڙ هڪ ملازم اغوا ٿي ويو، هٿياربندن پيٽرول پمپ تي چڙهائي ڪري فائرنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌ هاءِ ڪورٽ ايم پي او تحت نظربندي جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو

جيلن ۾ نظربند 34 شهرين کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو

شهري ٻئي ڪنهن ڏوهه ۾ پوليس کي گهربل نه آهن ته انهن کي آزاد ڪيو رجي : ڪورٽ سڳوري

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ مينٽيننس آف پبلڪ آرڊيننس (ايم پي او) ٽري جي تحت نظربندي جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو عدالت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ سرڪاري ملازمن ۽ پينشنرن لاءِ ترتيب وار 20 ۽ 15 سيڪڙو تائين واڌ جو امڪان

سرڪاري ملازمن ۽ پينشنرن لاءِ ترتيب وار 20 ۽ 15 سيڪڙو تائين واڌ جو امڪان آهي : ذريعا

سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 20 سيڪڙو تائين واڌ جي شروعاتي تجويز آهي

وفاقي ڪابينا جو بجيٽ سفارشن بابت اجلاس جون جي پهرئين هفتي ٿيندو : ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ سرڪاري ملازمن ۽ پينشنرن لاءِ ترتيب وار 20 ۽ 15 سيڪڙو تائين واڌ جو امڪان آهي، ايندڙ مالي سال لاءِ حڪومتي سطح تي وفاقي بجيٽ 24_2023 جون تيارين جاري آهن ۽ هن پيري سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: صدر ڊاڪٽر عارف علوي رٽائرڊ ايسوسئيشن جي وفد سان ملاقات ڪندي

ڪڏڻ فقيرن کي زيادتي ڪانپوءِ قتل ڪندڙ سيريل ڪلر گرفتار

راولپنڊي (م ڊ) راولپنڊي پوليس ٽن ڪڏڻ فقيرن جي قتل ۾ ملوث سيريل ڪلر کي گرفتار ڪري ورتو، پوليس ذريعن موجب جوابدار علي حسين ٻن مهينن ۾ ٻن ڪڏڻ فقيرن کي صادق آباد ۾ قتل ڪيو هو ۽ جوابدار ٻنهي ڪڏڻ فقيرن کي زيادتي ڪانپوءِ قتل ڪيو، پوليس ٻڌايو ته جوابدار هلندڙ سال فيبروري ۾ ڪڏڻ فقير ظهور عرف ببي، اپريل ۾ سيف عرف ڪڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

حڪمران سنڌ ۾ امن امان کي برقرار رکڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي چڪا: ايس ٽي پي حيدرآباد

هڪ پاسي سنڌ جي اندر بک بدحالي ۽ بي روزگاري سبب عوام جو جيئڻ جنجال آهي : جام عبدالفتاح سميجو

منشيات فروشي اغوا سميت سموريون برايون عروج تي آهن پر حڪومت جي ڪن تي جون به نٿي سري

حيدرآباد (پ ر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سينئر وائيس چيئرمين جام عبدالفتاح سميجو، گلزار سومرو، حيدر شاهاڻي، حيدر ملاح، ڊاڪٽر سومار مگريو، عاشق سولنگي، قادر چنا، امتياز سومن ۽ نثار ڪيريو پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پيٽرول اگهن ۾ ڪمي معمولي قرار، 100 رپيا في ليٽر سستو ڪرڻ جي گهر

وڏنڌڙ ڳاڻي ٽوڙ مهانگائي عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي : محمد حسين محنتي

اڻي ڀاڄين سميت عام واهپي وارين شين جا اگهه غريب ماٿهن جي پهچ کان پري ۽ آسمان سان ڳالهيو ڪري رهيا آهن

حڪومت اڻي ۾ لوڻ برابر ڪمي بدران گهٽ ۾ گهٽ 100 رپيا في ليٽر پيٽرول سستو ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي اميرا ڇوٽڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي حڪومت طرفان پيٽرول 8 رپيا ۽ ڊيزل 5 رپيا سستو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسد قيصر ٽري ايم پي او تحت گرفتاري کان بچڻ لاءِ عدالت سان رابطو ڪري ورتو

پي ٽي آءِ اڳواڻ اسد قيصر اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي

منهنجي خلاف 2 بي بنياد ڪيس داخل ڪيا ويا جن ۾ ضمانت وٺي ڇڏي آهي : اسد قيصر

اسلام آباد (م ڊ) قومي اسمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر ٽري ايم پي او تحت گرفتاري کان بچڻ لاءِ عدالت سان رابطو ڪري ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

رسول بخش پليجي جي ورسي، اجلاس، جلسي جي تيارين جو جائزو

حيدرآباد (پ ر) رسول بخش پليجي صاحب جي ورسي جي تياري ڪميٽي جو اجلاس عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جرار جي صدارت ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي آفيس ڊي ٽين پليجو هائوس تي ٿي گذريو، جلسي عام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي ۾ هڪ مهيني اندر قرد دوران مزاحمت تي 19 شهري قتل

ڪراچي ۾ وڏندڙ اسٽريٽ ڪرائيم جي مقابلي ۾ ڪراچي پوليس پنهنجي رٽ قائم ڪرڻ ۾ ناڪام نظر اچي ٿي

مئي جي مهيني ۾ ڦورن جي فائرنگ ۾ مارجي ويلن ۾ پيءُ، پٽ، پوليس اهلڪار، دڪاندار، پوروهيت ۽ پيا شهري شامل

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ پوليس ٻي رحم اسٽريٽ ڪرمنلز کي سوگهو ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي شهر ۾ گذريل مهيني مئي ۾ 19 شهري قرد دوران مزاحمت تي قتل ۽ ڪيترائي زخمي ڪيا ويا ڪراچي ۾ وڏندڙ اسٽريٽ ڪرائيم جي مقابلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪنڌڪوٽ ۾ هٿياربندن جو پيٽرول پمپ تي حملو، هڪ ملازم اغوا

هٿياربندن پيٽرول پمپ تي چڙهائي ڪري فائرنگ بعد 2 جڻن کي اغوا ڪيو

اغوا ڪيل سڪندر کي رستي ۾ چڏي عبدالنبي ڪوسو کي ڪنيي ويا

پيٽرول تي انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي وئي، وڏي مقدار ۾ گولين جا کول هٽ ڪيا ويا

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ ۾ پيٽرول پمپ تي ڪم ڪندڙ هڪ ملازم اغوا ٿي ويو، هٿياربندن پيٽرول پمپ تي چڙهائي ڪري فائرنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ ٽن اڳوڻن وزيرن نيب آڏو پنهنجا بيان قلمبند ڪرائي ڇڏيا

ڪراچي (م ڊ) برطانوي نيشنل ڪرائم ايجنسي 190 ملين پائونڊ جي ڪيس ۾ ٽن اڳوڻن وزيرن نيب آڏو پنهنجا بيان قلمبند ڪرائي ڇڏيا آهن ايم ڪيو ايم جي ڪنوينر خالد مقبول صديقي، فروغ نسيم ۽ پي ٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

وڳوڙن ۾ ملوث 300 مان 46 عورتن کي گرفتار ڪيو ويو: پنجاب سرڪار

گرفتار ڪيل 29 عورتون ضمانت تي آزاد ٿي چڪيون آهن : عامر مير

قانون موجب نه ڪنهن سان زيادتي ٿيندي ۽ نه ئي ڪنهن کي رعايت ملندي

لاهور (م ڊ) پنجاب جي سنڌ سماءُ واري نگران وزير عامر مير چيو آهي ته 9 مئي جي تخريبڪاري وارن واقعن ۾ ملوث 300 مان 46 عورتن کي گرفتار ڪيو ويو آهيعامر مير چيو ته گرفتار ڪيل 29 عورتون ضمانت تي آزاد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

حيدرآباد رسول بخش پليجي جي ورسي جي تيارين جو جائزو وٺڻ لاءِ اڳواڻن پاران ڪيل اجلاس جو ڏيک

سنڌ جي عوام لاءِ تيزي سان روز نوان مسئلا ۽ عذاب پيدا ٿين پيا: اياز لطيف

گهڻ رُخي حڪمت عملي جا مختلف سوچيل سمجهيل مرحليوار قدم آهن

سنڌ جي تباهي جي ذميوار پ پ حڪومت آهي : سربراهه قومي عوامي تحريڪ

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته سنڌ جي عوام لاءِ جنهن تيزي سان روز نوان مسئلا، نوان خطرا، نوان عذاب پيدا ٿين پيا، انهن ۾ مبتلا ۽ قائل عام ماٿهو توڙي سياسي ڪارڪن اڪثر سوچين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: سنڌسماءُ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

ڪراچي: 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ ٽن اڳوڻن وزيرن نيب آڏو پنهنجا بيان قلمبند ڪرائي ڇڏيا

ڪراچي (م ڊ) برطانوي نيشنل ڪرائم ايجنسي 190 ملين پائونڊ جي ڪيس ۾ ٽن اڳوڻن وزيرن نيب آڏو پنهنجا بيان قلمبند ڪرائي ڇڏيا آهن ايم ڪيو ايم جي ڪنوينر خالد مقبول صديقي، فروغ نسيم ۽ پي ٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ هاءِ ڪورٽ ايم پي او تحت نظربندي جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو

جيلن ۾ نظربند 34 شهرين کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو

شهري ٻئي ڪنهن ڏوهه ۾ پوليس کي گهربل نه آهن ته انهن کي آزاد ڪيو رجي : ڪورٽ سڳوري

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ مينٽيننس آف پبلڪ آرڊيننس (ايم پي او) ٽري جي تحت نظربندي جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو عدالت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي: صدر ڊاڪٽر عارف علوي رٽائرڊ ايسوسئيشن جي وفد سان ملاقات ڪندي

اسد قيصر ٽري ايم پي او تحت گرفتاري کان بچڻ لاءِ عدالت سان رابطو ڪري ورتو

پي ٽي آءِ اڳواڻ اسد قيصر اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي

منهنجي خلاف 2 بي بنياد ڪيس داخل ڪيا ويا جن ۾ ضمانت وٺي ڇڏي آهي : اسد قيصر

اسلام آباد (م ڊ) قومي اسمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر ٽري ايم پي او تحت گرفتاري کان بچڻ لاءِ عدالت سان رابطو ڪري ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ٽنڊو غلام حيدر پرسان مبينا پوليس مقابلي ۾ بيگناهه قتل ٿيل صدام لاشاري جي واقعي خلاف احتجاج

ڊوڪياهه واهه بس اسٽاپ تي مين حيدرآباد_بدين روڊ تي لاشاري برادري جي ماڻهن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

عنايت علي لاشاري ،پير عظيم شاهه، خادم حسين لاشاري، بشير احمد لاشاري، ڪمن لاکو محرم چانڊيو ۽ ٻين پاران شرڪت

انصاف ڪيو وڃي ۽ سڀني ملوث جوابدارن کي فوري طور تي گرفتار ڪري متن ڪيس هلايو وڃي نه تہ احتجاج وسيع ڪنداسين

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ:ميرحسن رند) ٽنڊو غلام حيدر پرسان مبينا پوليس مقابلي ۾ بيگناهه قتل ٿيل ڏل واسي صدام حسين لاشاري جي خون کي انصاف ڏيارڻ لاءِ ٽنڊو غلام حيدر جي ڊوڪياهه واهه بس اسٹاپ تي مين حيدرآباد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڊو غلام حيدر: پوليس مقابلي ۾ بيگناهه قتل ٿيل صدام لاشاري جي واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سڪرسول اسپتال جي سٽي اسڪين، ايم آر آئي ڊپارٽمينٽ عوام لاءِ بي فائده بڻيل

نصير ابڙو پاران هر ماڻهو کان پنج سئو روپيا رشوت اوڳاڙي، پئيسا نہ ڏيندڙ دربدر ٿيڻ لڳا

اسپيشلسٽ جي جڳهہ تي سفارشي طور ايڪسري ٽيڪنيشن نصير ابڙو کي انچارج ڪيو ويو

سڪر(بيورو رپورٽ) سول اسپتال جو سٽي اسڪين، ايم آر آئي ڊپارٽمينٽ عوام لاءِ بي فائد بڻيل، معاملا ايڪسري ٽيڪنيشن نصير ابڙو حوالي، هيڊ آف ڊپارٽمينٽ ۽ پيو عملو غائب، نصير ابڙو هر ماڻهو کان پنج سئو روپيا رشوت اوڳاڙي رهيو آهي پيسا نہ ڏيندڙ دربدر، متاثر مريضن جون ڌاڻهن خبر موجب سڪر سول اسپتال ۾ سٽي اسڪين ڊپارٽمينٽ ۾ سٽي اسڪين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهرو فيروز صحافي اتحاد جي سڌ تي شهيد صدام لاشاري جي بيگناهه قتل خلاف احتجاج

صحافين، اديبن ۽ سماجي اڳواڻن هٿن ۾ پلي کارڊ کڻي ريلي ڪڍي ۽ احتجاجي مظاهرو ڪيو

عبدالرزاق لاشاري، عرفان سهتو، نثار انصاري، خليل احمد اعواڻ، عجب لاشاري، ماجد سائل سمون شريڪ

پوليس ايس ايچ او سميت صدام لاشاري جي قاتلن کي گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي:مظاهرين

خانواهڻ (رپورٽ:عاجز امتياز نوح پوٽو) نوشهرو فيروز صحافي اتحاد جي سڌ تي شهيد صدام لاشاري جي بيگناهه قتل خلاف هٿان جي صحافين، اديبن ۽ سماجي اڳواڻن هٿن ۾ پلي کارڊ کڻي ريلي ڪڍي ۽ احتجاجي مظاهرو ڪيو هن مظاهري کي خطاب ڪندي اتحاد جي چيئرمن سيد جاني شاهہ عبدالرزاق لاشاري، عرفان سهتو، نثار انصاري خليل احمد اعواڻ عجب لاشاري ماجد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

خانواهڻ: صحافي اتحاد جي سڌ تي شهيد صدام لاشاري جي بيگناهه قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سجاول شهر جي مسئلن جي حل لاءِ سورج سجاولي پريس ڪلب جي سٽ پاران اجلاس

سجاول ۾ لوڊ شيڊنگ، گئس، پاڻي جي ڪوٽ، منشيات، بدامني ۽ ٻين براين خلاف اجلاس ٿيو

پريس ڪلب جي سٽ پاران عزيز سرواڻ جي اڳواڻي ۾ سورج سجاولي پريس ڪلب ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي

ساگر سليم ڪوسو، واپاري نياز ميمڻ، آڪاش ٻاگهل، گل حسن رند، عباس ملاح، جمن سنڌي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سجاول ۾ شهر جي مڙهي مسئلن جي حل لاءِ سورج سجاولي پريس ڪلب جي سٽ پاران احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ جي حوالي سان گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، تفصيل موجب سجاول ۾ لوڊ شيڊنگ، گئس، پاڻي جي ڪوٽ، منشيات، بدامني ۽ ٻين براين خلاف سورج سجاولي پريس ڪلب جي سٽ پاران عزيز سرواڻ جي اڳواڻي ۾ سورج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

قاضي احمد ۾ سولنگي برادري جي نوجوان جي قتل خلاف لاش رکي ڌرڻو، مظاهرو

نديم سولنگي کي برداري جي ماڻهن پاران گوليون هڻي قتل ڪرڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

لاش رکي نواب شاهہ پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

شريف سولنگي، علي شير، علي دوست يونس ۽ قاضي احمد وچ شهر ۾ 9 گوليون هڻي قتل ڪيو آهي

نوابشاهہ (رپورٽ) قاضي احمد ۾ سولنگي برادري جي نوجوان 25 ورهين جي نديم سولنگي کي برداري جي ماڻهن پاران گوليون هڻي قتل ڪرڻ خلاف سندس والد لال بخش سولنگي، امڙ امام زادي، پاڻ عظيم ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نوجوان جو لاش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوابشاهہ: قاضي احمد جا رهواسي قتل ٿي ويل نوجوان جو لاش رکي احتجاج ڪري رهيا آهن

شڪارپور ۾ پورهيتن طرفان ميونسپل انڪروچمينٽ جي انتظاميہ خلاف احتجاج

انڪروچمينٽ انتظاميہ خلاف جهاز چوڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي گشت ڪيو ويو

اسان پورهيت ڪافي ڏينهن کان متاثر آهيون ،ميونسپل آفيسر ملڻ لاءِ تيار نہ آهن:مظاهرين جو الزام

شڪارپور (ڊ ر) شڪارپور ۾ ڊوزرن هلائيندڙ پورهيتن طرفان ميونسپل انڪروچمينٽ جي انتظاميہ خلاف ريلي پريس ڪلب آڏو مظاهرو، تفصيل موجب ڪالہ ڊوزر هلائيندڙ پورهيتن طرفان ميونسپل ڪاميٽي جي انڪروچمينٽ انتظاميہ خلاف جهاز چوڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، پورهيتن پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو ۽ سخت نعري بازي ڪئي، ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪمشنر شهيد بينظيرآباد جي صدارت هيٺ ڊويزنل ٽاسڪ فورس جو اجلاس

علاج معالجي لاءِ مريضن کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻائين: ڪمشنر

12 ڏينهن واري حفاظتي ٽيڪن واري مهم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا وڃن

عملي جي تربيت، ويڪسين جي ڪولڊ چين برقرار رکڻ سميت سمورا گهربل انتظام مڪمل ڪيا پيا وڃن

نواب شاهہ (رپورٽ) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن محمد عباس بلوچ جي صدارت هيٺ ڊويزنل ٽاسڪ فورس جو هڪ اجلاس اج ڪمشنر آفيس جي ڪميٽي روم ۾ ٿي گذريوان موقعي تي ڪمشنر تنهي ضلعن جي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ هو پنهنجي ضلع جي سمورن صحت مرڪزن ۾ علاج معالجي لاءِ ايندڙ مريضن کي صحت جون بهتر سهولتون فراهم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دولتپورصفن شهر ۾ آس پاس جو امن جو پڪي اڏامي ويو،هٿيار ٻندن پاران قر

مولا بخش هوٿيپوٽو ۽ پاءُ رسول بخش ۽ پاڻيجي مهتاب علي هوٿيپوٽو کان قرٿي

ٺيڪيدارن شهر کي بي رونق کي ڪريشن جي بازار گرم ڪري ڇڏي: ڊاڪٽر سعيد اعواڻ

دولتپورصفن(رپورٽر) دولتپورصفن شهر ۾ آس پاس جو امن جو پڪي اڏامي ويو، گوٽ ڳاهندجي رهواسي مولا بخش هوٿيپوٽو پنهنجي پاءُ رسول بخش ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سڪر(رپورٽر) تنظيم پاڪستاني جي سربراهہ ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

دادو شهر جي معزز شخصيت سول سرجن ڊاڪٽر عبدالڪريم ميراڻي رٽائرڊ ٿي ويو

سول اسپتال چارج سول سرجن جي ڊاڪٽر محمد يوسف نول جي حوالي ڪئي وئي

سول سوسائٽي پاران ڊاڪٽر عبدالڪريم ميراڻي جي مان ۾ الوداعي پارٽي جو اهتمام

دادو(عزيزالله خاصخيلي) دادو شهر جي معزز شخصيت ۽ سول اسپتال دادو جو سول سرجن ڊاڪٽر عبدالڪريم ميراڻي پنهنجي نوڪري جو مدو پورو ڪري رٽائرڊ ٿي ويو سول سرجن جي چارج ڊاڪٽر محمد يوسف نول جي حوالي ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪڏڙو واسي سائي پاڄي وڪرو ڪندڙ پورهيت جو پٽ پراسرار نموني گم

حميرفقير ملڪ محلہ جو رهواسي پاڄي وڪرو ڪندڙ پورهيت جو پٽ گم ٿي ويو

وارثن جي 4 ڏينهن جي مسلسل ڳولا باوجود معصوم نيٺ گم هٿ آچي نہ سگهيو آهي

ڪڏڙو (رپورٽ:ثناءالله ٽالپر) ڪڏڙو واسي سائي پاڄي وڪرو ڪندڙ پورهيت جو معصوم پٽ پراسرار نموني گم 4 ڏينهن مسلسل ڳولا باوجود هٿ نہ آيو والدين پريشان حال خبرموجب ڪڏڙو شهر جي حميرفقير ملڪ محلہ جو رهواسي پاڄي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺاروشاهہ ۾ قريشي محلا واسي پورهيتن جو گهرتي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

پورهيت اصغر قريشي مسمات شاهدہ علي محمد قريشي پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو

رٽائرڊ پوليس اهلڪار لياقت قريشي سندس پائر پلاٽ تي قبضو ڪري ورتو آهي: مظاهرين

ٺاروشاهہ (رپورٽر) ٺاروشاهہ قريشي محلا واسي پورهيتن جو گهرتي قبضي خلاف احتجاج رٽائرڊ پوليس اهلڪار ڏاڍ ڪري گهر جا ڪوڙا ڪاغذ ٺهرائي موت مار ڏمڪيون ڏئي رهيو آهي انصاف جو مطالبو، ٺاروشاهہ جي قريشي محلا جي رهواسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٺاروشاهہ: قريشي محلا جا رهواسي پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي

سڪر پوليس جو ڪامياب ڪارروائيون، خطرناڪ ڏاڙيل امام بخش عرف هيمو جتوئي گرفتار

پوليس اسپتال تي چاڙهو هڻي خطرناڪ ڏاڙيل امام بخش عرف هيمو جتوئي کي گرفتار ڪري ورتو

امام بخش عرف جي گرفتاري لاءِ سنڌ حڪومت کي 10 لک روپيا انعام جي سفارش ڪئي وئي آهي

سڪر (رپورٽ،امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر پوليس جو ڪامياب ڪارروائيون، خطرناڪ ڏاڙيل امام بخش عرف هيمو جتوئي کي گرفتار ڪري ورتو بخش عرف هيمو جتوئي گرفتار، سڪر پوليس ترجمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سڪر پوليس جي ڪارروائي، سماجي براين ۾ ملوث جوابدار گرفتار، گٽڪو هٽ

اي سيڪشن پوليس ايس ايچ او راجا طاهر دايو جي اڳواڻي ۾ اهلڪارن ڇاپو هڻي گرفتار ڪيون

جوابدار جي قبضي مان اديب پان پراگ جا 45 پيڪٽ هٽ ڪري متس ڪيس داخل ڪيو ريوآهي

سڪر(بيورو رپورٽ)سڪر پوليس جي ڪارروائي، سماجي براين ۾ ملوث جوابدار گرفتار، نشي آور گٽڪو هٽ، ڪيس داخل تفصيل موجب سڪر جي اي سيڪشن پوليس ايس ايچ او راجا طاهر دايو جي اڳواڻي ۾ قاسر آباد بازار مان هڪ جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سجاول ۾ رٽائرڊ اي ايس آءِ جو ٽن مهينن کان پڳهار نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

علي محمد ٻارڻ پٽ فياض احمد ٻارڻ سان گڏ سورج سجاولي پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو

منهنجو پورو خاندان فاقہ ڪشي جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهي، نوڪيس ورتو وڃي: مظاهرين

سجاول (ڊر) سجاول ۾ رٽائرڊ اي ايس آئي جو ٽن مهينن کان پڳهار نہ ملڻ خلاف احتجاج، سجاول بدين روڊ لڳ ڳوٺ حسين ٻارڻ جو رهواسي رٽائرڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سجاول: رٽائرڊ اي ايس آءِ پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي

ٽٽي جي سول اسپتال ۾ ٿلسيميا سينٽر ۾ مرض ۾ مبتلا ٻارڙن جي لاءِ ڪيمپ منعقد

ريجنل بلڊ سينٽر جامشورو جي سهڪار سان ٿيليسيميا جي مرض ۾ مبتلا ٻارن لاءِ عطيو ڏنو

ٿيليسيميا جي مرض ۾ مبتلا ٻارن جي زندگين کي بچائڻ لاءِ بلڊ عطيو ڪيمپ منعقد ڪئي وئي

ٽنو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ٽٽي جي سول اسپتال ۾ قائم ٿلسيميا سينٽر ۾ ٿيليسيميا جي مرض ۾ مبتلا ٻارن کي رت جي فراهمي نہ ٿيڻ سبب پيدا ٿيندڙ مسئلن کي ڏسندي ٽٽي جي نوجوانن دي بلڊ هيروز ٽيم خاص ڪري انسانيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽٽن ديرو ۾ پ پ (شهيد پٽو) جي چيئرپرسن غنوئ پٽو جي 61 هين سالگرهہ ملهائي وئي

سالگرهہ ۾ سينٽرل ڪاميٽي جي ميمبر غلام حيدر ناريجو ضلع آرگنائيزر محمد سليم جڻ شريڪ

عبدالستار ميراڻي ، فياض حسين سومرو ، رياض حسين ميراڻي ، عبدالرحمان ڪريجو ۽ ٻين جي شرڪت

ٽٽن ديرو (شاد پٽو) پاڪستان پيپلز پارٽي (شهيد پٽو) جي چيئرپرسن غنوئ پٽو جي 61 وين سالگرهہ پ پ (شهيد پٽو) سٽي ٽٽن ديرو طرفان نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي ، سالگرهہ تقريب ۾ سينٽرل ڪاميٽي جي ميمبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽٽن ديرو: پ پ (شهيد پٽو) جي چيئرپرسن غنوئ پٽو جي سالگرهہ تقريب جو ڏيک

ٽٽن ديرو ۾ ڳوٺ حسين پٽو جي رهواسين پاران روڊ ٺهرائڻ تي پ پ قيادت جي شڪريہ ادائي

پير بخش پٽو جا ورڪر منصور علي پٽو، مدثر علي دانش پٽو، مظفر ممتاز پٽو ۽ ٻين ٿورا مڃيا

قيادت روڊ جي پاڻ ٻيهي سروي ڪرائي اسڪول جي نئي سر بلڊنگ منظور ڪرائي ڏني آهي

ٽٽن ديرو (شاد محمود پٽو) اسان گوٺ حسين پٽو جا رهواسي پ پ پ يوسي پير بخش پٽو جا ورڪر منصور علي پٽو، مدثر علي دانش پٽو، مظفر ممتاز پٽو، احسن علي ،محسن علي، محمد اسماعيل پٽو، گوٺائا عمران پٽو، امجد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

وارهہ تعلقہ پريس ڪلب جي دستوري گڏجاڻي، شهر جي مسئلن تي غور ويچار

صدر طالب حسين چانڊيو، نائب صدر عبدالجبار تنيو، جنرل سيڪريٽري ممتاز علي چڻو شريڪ

پاڻي جي بندش شاخن جي ڪاٽي نہ ٽيڻ ترقياتي ڪمن ۾ ڪريشن ۽ بدامني قتل غارت تي غور ويچار

وارهہ (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) تعلقہ پريس ڪلب وارهہ جي دستوري گڏجاڻي صدر طالب حسين چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿي گذري جنهن ۾ صدر طالب حسين چانڊيو، نائب صدر عبدالجبار تنيو، جنرل سيڪريٽري ممتاز علي چڻو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

پ پ پ شهيد پٽو دادو پاران فاطمہ پٽو جي 41 هين سالگرهہ ملهائي وئي

غلام نبي جمالي صمد عباسي زين العابدين گهلو رزاق جمالي ۽ ٻين پاران شرڪت

مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن شهيد پٽو جي تنظيمن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد پٽو ضلع دادو پاران فاطمہ پٽو جي 41 هين سالگرهہ شهيد پٽو آفس تي ملهائي وئي ان موقعي تي شهيد پٽو جي اڳواڻن غلام نبي جمالي صمد عباسي زين العابدين گهلو رزاق جمالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دادو: پ پ شهيد پٽو طرفان فاطمہ پٽو جي سالگرهہ تقريب ملهائي پئي وڃي

خانپور مهرمان اغوا ٿي ويل شوڪت پنيرو ۽ يونس پنيرو جي بازيابي لاءِ احتجاج

پنيرا برادري جي ماڻهن ميرپورماٿيلو ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي آڏو احتجاج ڪيو

شوڪت پنيرو ۽ يونس پنيرو کي هٿياربند اغوا ڪري فرار ٿي ويا آهن: مظاهرين جو الزام

مغوي ڳوٺاڻن کي جلد کان جلد بازياب ڪرايو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر جي ڳوٺ حيات پنيرو واسي ٻن نوجوانن جي بازيابي لاءِ مختلف ڳوٺن جي رهواسين پاران ڌرڻو هنيو ويو،جلد مغوين کي بازياب ڪرائڻ جو مطالبو، خبر موجب ،خانپورمهر ريجهو ڳوٺ حيات پنيرو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

خانپور مهر: مغوي شوڪت پنيرو ۽ يونس پنيرو جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

گهاروشهر ۾ انگريز دور جي تاريخي پل زبوحال ٿي وئي،اختيارين خاموش تماشائي

پٿرن جي ٿهيل پنهنجي معيار ۾ اهڙي قسم جي پل هاڻي ڪٿي بہ نہ رهي آهي:علاقي واسي

ايم پي اي جام اويس گهرام جوڪيو پڻ ان پل جي ريپرنگ لاءِ منظوري ورتي آهي پر ڪم ناهي ٿيو

گهارو (بشام جوڪيو) گهارو شهر ۾ انگريز دور جي تاريخي پل زبوحال ٿي وئي آخري پساهن ۾ پر حڪومت تاريخي پل جي مرمت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي گهارو لڳ قديمي پل مان هڪ طرف جابلو پاڻي گذرندو آهي تہ ٻئي پاسي واٽر بورڊ جي ٽالين جي اُرور ٽيل پاڻي بہ هن پل رنان گذرندو آهي ۽ سمنڊ جو پاڻي جڏهن چڙهندو آهي تہ هن پل هيٺان گذرندو آهي پٿرن جي ٿهيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو ۾ جي ڊبليو سي جي سڌ تي پروفيسر اجمل ساوند جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

مرڪزي صدر ذوالفقار خاصخيلي، ضلعي آرگنائيزر ولي چانڊيو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ٽريڊ يونين، برادري، مذهبي، مينارٽي، واپارين، دوڪاندارن، استادن، شاگردن، صحافين شرڪت ڪئي

ساجد مستوئي، صابر آرائين، راجا الطاف عباسي، دانش خشڪ، سماجي اڳواڻ مجيب پنهور ۽ ٻيا شريڪ

دادو(عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ جي ڊبليو سي جي سڌ تي پروفيسر اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ۽ سنڌ ۾ قبيلائي تڪرارن جي خاتمي لاءِ وڏي اٽڪ ۾ شهري روڊن تي نڪري آيا. جي ڊبليو سي جي مرڪزي صدر ذوالفقار خاصخيلي، ضلعي دادو جي آرگنائيزر ولي چانڊيو جي اڳواڻي ۾ وڏي اٽڪ ۾ سياسي، سماجي، ادبي تنظيمن، ٽريڊ يونينن مختلف برادرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

دادو: پروفيسر اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري احتجاج ڪيو پيو وڃي

برساتن ۽ ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا اڳواٽ قدم کڻن:ساجاهہ وند

2022ع ۾ برساتن سبب ٿيل تباهي کي اڃان تائين منهن ڏنو پيو وڃي: شمس الرحمان

قدرتي آفتن برساتن ٻوڏن مان سبق سکي ايندڙ ٻوڏن توڙي برساتن لاءِ قدم کڻڻ گهرجن

لڪين گهر ڌهي پٽ ٿيڻ کان پوءِ انهن جي بحالي سان گڏ ڪاڏ خوراڪ وڏو چئلينج هيو

سڪر (امداد علي گل ڪلوڙ) ايندڙ امڪاني مون سون جي برساتن ۽ ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا اڳواٽ قدم کڻن، 2022ع ۾ برساتن سبب ٿيل تباهي کي اڃان تائين منهن ڏنو پيو وڃي، لڪين گهر، فصل، تباهہ ۽ جانور مري ويا، مٽر سڪر ۾ امڪاني ٻوڏ توڙي مون سون جي برساتن کي منجهند ڏيڻ لاءِ اڳواٽ تيارين ڪرڻ ۽ گذريل سال برساتن سبب ٿيل نقصان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽل پوليس هٿان بيگناهہ قتل ٿيل سوشل ورڪر صدام لاشاري جي قتل خلاف ملير ۾ احتجاج

ڪراچي ۾ سول سوسائٽي، صحافين ۽ لاشاري برادري جي ماڻهن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

صدام لاشاري قتل خلاف جوڊيشل انڪوائري قائم ڪري قاتلن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي: اڳواڻ

ڊاڪٽر اصغر لاشاري، علي شير جمالي زاهد زهراڻي، علي چانڊيو جمشد زهراڻي صحافي اصغر لاشاري شريڪ

ملير (رپورٽر)ٽل پوليس هٿان بيگناهہ قتل ٿيل سوشل ورڪر صدام لاشاري جي قتل خلاف گهڪهر ڦاٽڪ ڪراچي ۾ سول سوسائٽي، صحافين ۽ لاشاري برادري جي ماڻهن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو شهيد صدام حسين جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ملير: صدام لاشاري واقعي خلاف سماجي اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

شڪارپور ۾ ڊوزرن هلائيندڙ پورهيتن طرفان ميونسپل ڪاميٽي جي انڪروچمينٽ انتظاميہ خلاف ريلي پريس ڪلب آڏو مظاهرو

شڪارپور (ڊ ر) ڪالہ ڊوزر هلائيندڙ پورهيتن طرفان ميونسپل ڪاميٽي جي انڪروچمينٽ انتظاميہ خلاف جهاز چوڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي ،پورهيتن پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو ۽ سخت نعري بازي ڪئي، ان موقعي تي يار محمد سندراڻي،سليم جعفري،ثناءالله ڊومڪي ۽ ٻين دانهيون تہ اسان پورهيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو پوليس جي پنجاب جي رحيم يار خان ۾ ڪاروائي، اغوا ڪيل چوڪري بازياب

نوجوان ناري نشا ڏي احسان چانڊيو کي رحيم يار خان واري علاقي مان بازياب ڪيو ويو

ناري جي اغوا ڪيس ۾ نامزد مڪ جوابدار طارق محمود کي پڻ پوليس گرفتار ڪري ورتو

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) دادو پوليس جي پنجاب جي ضلعي رحيم يار خان ۾ ڪاروائي، دادو مان اغوا ڪيل چوڪري بازياب، اغوا ڪيس ۾ نامزد مڪ جوابدار گرفتار تفصيل موجب هڪ مهينو اڳ دادو شهر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ موندرناڪي واري علاقي مان اغوا ٿيل نوجوان ناري نشا ڏي احسان چانڊيو کي رحيم يار خان واري علاقي مان بازياب ڪيو ويو آهي،تينگري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

حيدرآباد پوليس جي اٽالن پاران پ پ جي اڳواڻ امان الله سيال جي گهر تي چڙهائي

ٽڪيٽ هولڊر پ پ ضلعي جي سئنيئر اڳواڻ امان الله سيال جي گهر تي پوليس چڙهائي ڪئي

اڳواڻ بنا سبب چڙهائي ڪندڙ اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي لاءِ ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ پهتو

ٽڪيٽ هولڊر آهيان گهر تي بغير سبب اهڙي قسم جي چڙهائي افسوس ناڪ عمل آهي: پ پ پ اڳواڻ

حيدرآباد(رپورٽر) حيدرآباد پوليس جي اٽالن جي پ پ جي بنيادي ميمبر سئنيئر اڳواڻ ۽ ٽڪيٽ هولڊر پ پ ضلعي جي سئنيئر اڳواڻ امان الله سيال جي گهر تي چڙهائي جو سبب پڇڻ تي پوليس واپس روانو پ پ جي اڳواڻن ڪارڪنن ۾ ڪاوڙ جي لهر پ پ جي سئنيئر اڳواڻ امان الله سيال جي گهر تي ٽيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25



خيرپور پوليس هٿان مبينہ مقابلي ۾ قتل فراءِ ڪيل نوجوان جي امڙ عدالت پهچي وئي

خيرپور (ڊ ر) خيرپور پوليس هٿان مبينہ مقابلي ۾ قتل فراءِ ڪيل نوجوان جي امڙ عدالت پهچي وئي، مقابلو جعلي قرار، ايس ايس پي خيرپور سميت ڏهہ سچائل ۽ 50 اڻ سچائل جوابدار نامزد، خون ڪرڻ جي الزامن هيٺ ايف آءِ آر داخل جي حڪم جي استدعا، تفصيل مطابق خيرپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

گهوٽڪي لڳ ماٿيلو مومل جي ماڙي روڊ تي پورهيتن کان موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم قر

ماٿيلو مومل ماڙي روڊ تي ٻنڌ ماٿينر پرسان هدايت الله ڪلاڊي ۽ علي گل ڪلاڊي کان قرٿي

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي لڳ ماٿيلو مومل جي ماڙي روڊ تي پورهيتن کان موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم قر، پورهيت زخمي گهوٽڪي اسپتال منتقل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊو محمد خان جي يوسي مويا غلام شاهہ باگراڻي جي ڳوٺ مان تارون چوري ٿي ويون

ڪاٽ ٻانيڻ ويندڙ ڀڳلي جي ڏهن کان پندرهن ٽنين تان نامعلوم چور تارون چوري ڪري ويا

قانوني ڪارروائي ڪري چوري ڪندڙن کي گرفتار ڪري قانوني ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي: رهواسي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي يوسي مويا غلام شاهہ باگراڻي جي ڳوٺ صحبت رند کان ڳوٺ ڪاٽ ٻانيڻ ويندڙ ڀڳلي جي ڏهن کان پندرهن ٽنين تان نامعلوم چور تارون چوري ڪري ويا، مگر ٽنڊو محمد خان حيسڪو ڪاتو اگهور ننڊ سٽل آهي بجلي جي تارن جي زيرون مذڪوره ڳوٺ ويندڙ تقريبن بجلي جي تارن سان گڏ بجلي جا ٿنڀا پڻ نامعلوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار سڪر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چنڊريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سڪر آفيس گهر نمبر سي 92، د هلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سڪر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

جمعو 02 جون 2023ع

ڏوهن جو مڪنو هاڻي ۽ 'ڪيٽي' بٽيل سنڌ

هونئن ته سنڌ کي ڪئين ڏهاڪن کان 'ڏوهن جو ڏيهه' بنائڻ وارين ڪوششن ۾ وسان نه گهٽايو ويو آهي پرهن وقت انهن ڪوششن جو عملي روپ سامهون اچڻ لڳو آهي. تاريخ ۾ امن ۽ آشتيءَ، سانت ۽ سڪون واري سائيهه جي سڃاڻپ رکندڙ سنڌ هن وقت 'بدامنيءَ جي پرنءِ' بڻجي ويئي آهي. سنڌ جو ڪُجو ڏاڙيلن جي ٿر ۽ ٺاڪ بڻيل آهي، جتي انهن وٽ نه رڳو مغوي پر رياستي قانون به يرغمال بڻيل آهي. پنجن مهينن دوران 250 ماڻهو اغوا ڪيا ويا آهن، جيڪا سراسري 50 ماڻهو في مهينو بيهي ٿي. هن وقت به چئن هارڙن سميت 40 مغوي ڏاڙيلن وٽ يرغمال بڻيل آهن، جن جو ڪروڙين روپيا ڀنگ طلب ڪيو ويو آهي. ڪشمور ضلعو سڀ کان 'ٽاپ' تي آهي، جنهن ۾ 34 ماڻهو ڏاڙيلن وٽ قيد آهن. 'سمرت فيم' ايس ايس پي امجد شيخ جو هو انڪشاف به ماڻهن جي ڳڻتي وڌائي ويو آهي ته، ڪشمور، جيڪب آباد ۽ ٻين ضلعن ۾ هارڙا اغوا ڪرڻ جو نئون 'ٽريند' شروع ٿي ويو آهي. هارڙن کي اغوا ڪرڻ سان ذهني طور تي والدين کي دهاءَ ۾ آڻڻ سولو آهي.

ڏوهن جو مڪنو هاڻي سڄي سنڌ پنهنجن پيرن سان لتاڙي ۽ اجاڙي رهيو آهي پر مجال آهي، جو منتظمين ان کي پنهنجي اختيار لاءِ چئلينج ۽ انتظام ۾ ڪا مداخلت سمجهن. ڇا ان کي پوءِ پيلڻ جي ڪا مشروط اجازت مليل هجي! قانون ان کي ڏاڙوڻ وجهڻ جي سگهه نٿو ساري. ڏوهن جي ان فيل مست کي چيڪ ڇڏي سنڌ جي ماڻهن تي اعصابي ۽ نفسياتي جنگ مڙهي ويئي آهي ته جيئن ان خوف ۽ غيريقينيءَ جي ماحول ۾ پيو ڪجهه به نه سوچين. سنڌ جي ساڄهه ۽ شعور جي بدخواهه قوتن جي فتور جي فيڪٽرين ۾ تيار ٿيل 'مقامي پرادڪٽ' ان جو ذميوار آهي، جيڪو ان گرڙ پڪيءَ وانگر آهي، جنهن هاڻي 'پنهنجا ئي بچا' کائڻ شروع ڪيا آهن! ڌاريا ته ڌرياڻ ئي ڌاريا آهن، پر 'پنهنجن' به ڇڻ ته پوئتي نه رهڻ جو قسم کاڌو هجي! انهن ڪڏهن به سنڌ جي سُورن جو ناهي سوچيو. سنڌ جي سرير ۾ 'ڪرائيم' جو ڪئنسر سرايت ڪري ان جي شعور جو جيءُ جڏو ڪري ڇڏيو آهي. 1983ع واري جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ (ايم آر ڊي) کان پوءِ سنڌ جي وڏيل سياسي شعور کان خائف ۽ خوفزده قوتن شهرن ۾ دهشتگرد ۽ بهراڙين ۾ ڏاڙيل فيڪٽر پيدا ڪري سنڌ تي جيڪا اعصابي ۽ نفسياتي جنگ مڙهي آهي، چار ڏهاڪا گذرڻ جي باوجود به ان جي پڇاڻي ٿيندي نظر نٿي اچي. توڙي جو سنڌي ماڻهن جي وٽ تي اختيار ۽ اقتدار جي مومل ماڻيندڙ به لڳاتار ڏيڍ ڏهاڪي کان اختيار ۽ اقتدار جي ڪونتل ڪُڏائيندي الوليون ڪندا رهيا آهن، پر انهن جو ڏيان سنڌ جي سورن ڏانهن وڃي به ته ڇو وڃي! هونئن ته هن وقت سڄي سنڌ جڻ ته ڪا 'ڪيٽي' بڻيل هجي. پرخاص طور تي سنڌ جا اڌ وزن کان مٿي اتريان ضلعا رياستي قانون لاءِ 'نو گو ايريا' بڻيل آهن. ڪماندوز جي گهري ۾ هلندڙ ۽ ٻُلٽ پروف شيشن پٺيان بيهي سنڌ ۾ امن امان جا پاڻڻ ڏيندڙ منتظمين لاءِ ته سنڌ واقعي به امن جو هندوروا آهي. پرعام ماڻهو ڏاڙيلن جي نشاني تي آهي. ايتري قدر جو گهٽين ۾ راند روند ڪندڙ معصوم هارڙا به محفوظ ناهن. انهن کي به ڏاڙيل اغوا ڪري ٿا وڃن. ظاهر آهي ته ڪو بدنام ڏاڙيل ڪنڊڪوٽ شهر جي گهٽيءَ ۾ اچي پاڻ راند ڪندڙ ڪنهن سمرت ڪمار کي اغوا ڪري نه ويو هوندو، ڏوهارين جو نيٽ ورڪ آهي، جيڪو ڏاڙيلن لاءِ ڪم ڪري ٿو. ان نيٽ ورڪ ۾ رڳو اهي ڏوهاري ئي نه آهن، پر پوليس جون ڪاريون ريوون به شامل آهن، جيڪي ڏاڙيلن جي سهولتڪاريءَ جي ڏنڊي سان لڳل آهن. ان نيٽ ورڪ ۾ ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ اها 'اشرافيا' به شامل آهن، جنهن جي پهچ اختيار ۽ اقتدار جي ايوانن تائين آهي. ان نيٽ ورڪ ۾ انهن کي شامل نه سمجهڻ به بد ديانتي هوندي، جيڪي اختيار ۽ اقتدار جي ايوانن ۽ وڏن منصبن تي ويهي انهن ڏوهارين کي ڪوسو واءُ لڳڻ نٿا ڏين. جيستائين اهو نيٽ ورڪ مڪمل طرح ختم نٿو ٿئي، ڪَچي جي ڏاڙيلن سان گڏ پڪي جا ڏاڙيل به ختم نٿا ڪيا وڃن، تيستائين سنڌ مان اغوا انڊسٽري جو عروج ختم نه ٿيندو.

سنڌ ۾ ماڻهن جي اغوا وارداتن تي حڪمرانن کي ڳڻتي نه هجڻ به هڪ وڏي ڳڻتيءَ جي ڳالهه آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ ۾ 'ڪَچي' ۽ 'پڪي' جي ڏاڙيلن خلاف هڪ ئي وقت پرپور آپريشن ڪيو وڃي. پوليس مان ڪارين ريوڙن کي ختم ڪرڻ لاءِ ترت تحرڪ ورتو وڃي، جن جي ڪڏن ڪرتوڻن جي ڪري سڄو ڏڻ ئي ڪارو هجڻ جو تاثر سگهارو ٿي رهيو آهي. پوليس ڪاتي مان سياسي مداخلت ختم ڪري، فري هينڊ ڏيئي انهن کي ڏاڙيل ختم ڪرڻ جو تاسڪ ڏنو وڃي. ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ 'اشرافيا' کي قانون جي ناڪيلي وڏي وڃي. بارڙن سميت يرغمال بڻيل مغوين کي ڏاڙيلن جي گرفت مان آزاد ڪرايو وڃي.

ملڪ دشمنيءَ جا الزام ۽ عمران خان

ادريس لغاري

اسان جو ملڪ پاڪستان سدائين 'عالمي' سازش جو محور رهيو آهي. سنڌين، بنگاليين، بلوچن ۽ پشتونن جڏهن جڏهن به پنهنجا حق گهرڻ لاءِ ڪا وڏي ملڪ گير تحريڪ هلائي، تڏهن اسان ٻڌو ته پاڪستان جي خلاف هڪ وڏي ۽ منظم عالمي سازش ٿي رهي آهي يا هئي. رياستي مفادن وتان ون يونٽ نافذ ٿيو. تنهن ۾ ڪا به عالمي سازش نه هئي، ايوب خان مارشل لا هڻي 10 سال ملڪ تي قبضو ڪري ويهي رهيو. ته ڪا به عالمي سازش نه هئي. يحييٰ خان ٿي سال ملڪ تي مارشل لا هڻي ويهي رهيو ڪا به عالمي سازش نه هئي، جنرل ضياءُ الحق يارنهن سال مارشل لا هڻي ويهي رهيو ته ڪا به عالمي سازش نه هئي، جنرل مشرف 9 سال ملڪ ۾ مارشل لا هڻي ويهي رهيو ڪا به عالمي سازش نه هئي. جنرل ايوب خان، جنرل يحييٰ خان، جنرل ضياءُ الحق ۽ جنرل مشرف جي خلاف جيڪي به ملڪ گير تاريخي تحريڪون هليون، اهي سڀ 'ملڪ دشمن' تحريڪون هيون ۽ جن ليڊرن ۽ ڪارڪنن انهن تحريڪن ۾ حصو ورتو، اهي سڀ 'ملڪ دشمن' هئا ۽ آهن. ذوالفقار علي ڀٽو، بينظير ڀٽو، نواز شريف ۽ عمران خان جي حڪومتن خلاف جيڪي به تحريڪون هليون، اهي نج عوامي تحريڪون هيون ۽ عوام انهن جي خلاف اٿي بيٺو هو ۽ انهن مان پنهنجي جان ڇڏائي. مطلب ڪنهن آمر جي آمريت کي چئلينج ڪرڻ ملڪ دشمني آهي ۽ ڪنهن ڪمزور سول حڪومت جي خلاف ڪا مارچ يا ريلي نج عوامي ٿي. هن ملڪ جي ڪهڙي سياستدان تي ملڪ دشمني جو ٺپو نه لڳو آهي؟ فاطمه جناح، شيخ مجيب، حسين شهيد سهروردي، جي ايم سيد، حيدر بخش جتوئي، باچا خان، ولي خان، رسول بخش پليجو، عطاءُ الله مينگل، اڪبر بگٽي، خير بخش مري، ذوالفقار علي ڀٽو بينظير ڀٽو، نواز شريف وغيره رياستي بيانئي مطابق ملڪ جا سڀ کان وڏا 'دشمن' هئا ۽ 'دشمن ملڪن' جا ايجنٽ هئا. جنرل ايوب خان، جنرل يحييٰ خان، جنرل ٽڪا خان، جنرل نيازي، جنرل ضياءُ الحق، جنرل مشرف، جنرل شجاع پاشا، جنرل ظهير الاسلام، جنرل فيض حميد، جنرل حميد گل، جنرل اسلم بيگ، جنرل عمر، جنرل غلام جيلاني وغيره سڀ محب وطن ۽ سچا پاڪستاني. جنرل ايوب خان جي مارشل لا ۾ 1965ع جي جنگ لڳي، جنهن ۾ پاڪستان کي تمام گهڻو نقصان پهتو. ايئر مارشل اصغر خان ته لکيو آهي ته اسان اها جنگ صرف جنگ بندي لاءِ وڙهي هئي، پر ڪنهن چيو ته جنرل ايوب خان ملڪ دشمن هو؟ نه. جنرل يحييٰ خان جي دور ۾ ملڪ به تحرڪ ويو پر ڪنهن چيو ۽ لکيو ته جنرل يحييٰ خان ملڪ دشمن هو؟ جنرل ضياءُ الحق افغان جهاد جي آڙ ۾ 90 هزار کان وڌيڪ دنيا جا وڏا ويڙهاڪ ۽ دهشتگرد گڏ ڪري، پرڏيهي جنرلن ۽ سي آءِ اي جي آفيسرن ذريعي انهن کي ٽريننگ ڏني. جنهن جا ڪوڙ سارا تفصيل بريگيڊيئر (ر) سيد احمد ارشاد ترمذي پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب 'حساس اداري' ۾ ڏنا آهن ۽ ان سان گڏ ٻين ڪيترن جنرلن پڻ ان موضوع تي تمام تفصيل سان لکيو آهي. سڄي ملڪ ۾ هيروئن، ڪلاشنڪوف ۽ ڪرپشن عام ٿي وئي. جنرل ضياءُ جي يارهن سالن ۾ ملڪ جي جيڪا تباهي ٿي ۽ ملڪ مقان جيڪا قيامت گذري. پر جنرل ضياءُ کي ڪنهن به ملڪ دشمن يا دشمن ملڪن جو ايجنٽ چيو؟ جنرل مشرف جي دور ۾ ڪارگل جو واقعو ٿيو. جنهن جي نواز شريف جي سول حڪومت کي خبر به نه پئجي سگهي. جنرل مشرف نواز شريف جي حڪومت ختم ڪري مارشل لا هڻي ويهي رهيو. نائين ليون ٿيس آمريڪا جو اتحادي ٿي اربين ڊالرورتا ۽ پاڻ ٿي پنهنجي ڪتاب 'ان دي لائين آف فائر' اعتراف ڪيائين ته مون 350 کان وڌيڪ پاڪستاني ۽ افغاني پڪڙي آمريڪا کي ڏنا ۽ ان جي عيوض اربين ڊالرورتا. بينظير ڀٽو ۽ نواب اڪبر بگٽي سرعام قتل ٿي ويا، 12 مئي تي ڪراچي ۾ 51 سياسي ڪارڪنن کي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو ۽ مشرف شام جو پاڻهون مٿي ڪري فخر سان چيو ته ان رياست جي طاقت چئبو آهي. مشرف جي وزيراعظم شوڪت عزيز ملڪي معيشت کي تباهيءَ طرف وٺي ويئي. رهيل اڳواڻن کي دعوتون ڏيڻ جي رٿابندي ڪئي وئي. پليجي صاحب جا ڪجه اڻ ڇپيل ڪتاب ڇپرائي ورسي جي جلسي عام ۾ انهن جي مهورت ڪئي ويندي. اجلاس کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته ملڪ نهڻ کي ان وٽي بحران جي ور چڙهيل آهي. بحران فقط عوام لاءِ آهن. حڪمران سدائين عياشين ۾ آهن. پرڏيهي ماليياتي اداري وٽ ملڪ کي يرغمال بڻائي مهانگائي کي چوٽ چاڙهيو ويو آهي. حڪمران جي عوام دشمن پاليسين سبب غريب وڌيڪ نهوڙجي پيو. اميرن جي دولتن جي انبارن ۾ اضافو پيو ٿئي. اهڙي صورتحال ۾ ملڪ جي مظلوم قومن ۽ پرهيت طبقي جي متحد ٿيڻ جي ضرورت آهي. جيستائين مظلوم قومون ۽ مظلوم طبقن جو موثر اتحاد قائم نٿو ٿئي، اوستائين سنڌي عوام جا مسئلا به حل نٿا ٿي سگهن. ڪليلائزيشن جي ڪري اسين پوري دنيا سان ڳنڍجي چڪا آهيون. جڳ جهان ۾ ايندڙ تبديليون سنڌ جي صورتحال تي به اثر انداز ٿين پيون. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته قائد انقلاب محترم رسول بخش پليجي صاحب سنڌي عوام کي ملڪ ۽ جڳ جهان جي حق پرستن سان اتحاد ڪرڻ جا گس ڏنا آهن. پليجي صاحب کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ پوري ملڪ جا سياسي اڳواڻ، ادبي ۽ سماجي شخصيتون، پليجي صاحب جا ويجها دوست، صحافي، وڪيل، شاعر، قلمڪار ۽ سول سوسائٽي جا نمائندا شرڪت ڪندا. اجلاس ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاٽيار، عبدالقادر رانٽي، سنڌيائي تحريڪ جي مرڪزي صدر سڀاڻي ڏاهري، سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر دلدار لغاري، سنڌي مزدور تحريڪ جي مرڪزي صدر حاجي خان سمي، سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر عاطف ملاح، سنڌي گرلس اسٽوڊنٽ تحريڪ جي مرڪزي صدر ساجده پرهياڻ، عمراه سمون، ايڊووڪيٽ وسند ٽري، ايڊووڪيٽ اسماعيل خاصخيلي، ادريس لغاري ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي.

بتايا ✻✻✻ 28

آءِ جي اڳواڻ اڳواڻ علي زيدي ٻڌايو ته من رقم بابت معاملو ڪابينا جي ايجنڊا جو حصو نه هو تنهن وزيرن ٻڌايو ته ڪابينا جي اجلاس ۾ اسان کي نه ڪا بريفنگ ڏني وئي نه ڏسڻيون ڏيکاريا ويا. بس چيو ويو ته منظوري ڏئي ڇڏيو. نيب تنهي اڳوڻن وزيرن کان ڏيڍ ڪلاڪ تائين پڇا ڳاڇا ڪئي

بتايا ✻✻✻ 29

بعد 2 ڇڻن کي اغوا ڪيو هتياربند اغوا ڪيل سڪندر کي رستي ۾ ڇڏي عبدالنبي ڪوسو کي ڪٽي ويا. پيٽرول تي انڊاڏنڊ فائرنگ ڪئي وئي. وڏي مقدار ۾ گولين جا کول هٽ ڪيا ويا مغوي عبدالنبي جي وارثن وٽ چوڻ آهي ته واردات ۾ ڪجه عرصو اڳ نازيه ڪوسو ۽ سندس معصوم ڌيءَ ڪرٽر کي اغوا ڪندڙ ملوث آهن. هتياربندن جو تعلق پنڪوار برادري سان آهي

بتايا ✻✻✻ 30

سانگهڙ، ميرپورخاص، جيڪب آباد ۽ ٻين حيلن ۾ نظرٻند 34 شهرين کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. عدالت حڪم ڏنو آهي ته شهري ٻني ڪنهن ڏوهه ۾ پوليس کي گهربل نه آهن ته انهن کي آزاد ڪيو وڃي. ٻين ڪيسن ۾ گرفتار جوابدارن کي به اندرون سنڌ جي حيلن کان ڪراچي جيل منتقل ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي. جن شهرين جي نظربندي جو توثيقيشن معطل ڪيو ويو آهي ٻين ڪيسن ۾ ضمانت جي لاءِ لاڳاپيل عدالت سان رابطو ڪن. سنڌ هاءِ ڪورٽ چيو آهي ته ماڻهن وٽ ڪائڻ پيتا نه آهن اهي اندرون سنڌ ملاقات جي لاءِ ڪيئن ويندا. عدالت سڪر جيل ۾ نظربند عورت مونا کي پوليس جي سيڪيورٽي ۾ واپس ڪراچي منتقل ڪرڻ جو حڪم به ڏنو عدالت ايم پي او تحت نظربندي ۽ گرفتاري خلاف درخواستن جي ٻڌڻي گرمي مرڪلن کان پوءِ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بتايا ✻✻✻ 31

. بينچ ۾ جسٽس اعجاز الحسن، جسٽس منيب اختر، جسٽس مظهر علي اڪبر نقوي، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس عائشه ملڪ، جسٽس حسن رضوي ۽ جسٽس شاهد وحيد شامل آهن. اج ٻڌڻي شروع ٿي ته چيف جسٽس آف پاڪستان چيو ته اٽارني جنرل صاحب توهان کي ڪجهه چوڻو هو اٽارني جنرل چيو ته اسان وٽ به قانون آهن. هڪ سپريم ڪورٽ ريويو آف آرڊر ايندڙ جحمينٽ ايڪٽ، ٻيو سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ آهي. ٻنهي ايڪٽن ۾ نظرثاني ۽ وڪالت جون شقون ساڳيون آهن. سپريم ڪورٽ جي پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ وڏيڪ وسيع آهي، ان ۾ سپريم ڪورٽ جي اندروني معاملن سان لاڳاپيل شقون شامل آهن. اهو ضروري آهي ته ان جي لحاظ کان ٻنهي قانونن تي هڪ حل تي پهچي وڃي. چيف جسٽس چيو ته هو پارليامينٽ کان پڇي سگهن ٿا ته ٻن قانونن جي هم آهنگي کي ڏسجي، هو توهان جي تجويز کي پليڪار ڪري ٿو. سني گالهه آهي ته پارليامينٽ ۽ حڪومت هڪ ئي قانون ۾ ترميم ڪري رهيا آهن. حڪومت کي قانون سازي کان بچايو وڃي. سپريم ڪورٽ سان صلاح مشورو ڪيو وڃي. جسٽس محمد علي مظهر چيو ته قانون ساڳيا آهن ته پوءِ حل ئي سگهي ٿو يا نه؟ جيڪڏهن ضابطا ساڳيا آهن ان

بتايا ✻✻✻ 01

جي ترجمان به پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير جي گرفتاري جي تصديق ڪئي آهي هوڏانهن جي اطلاعات واري نگران وزير عامر ميئر به گرفتاري جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته پرويز الاهي پوليس کي گهربل هو ۽ ڪيس فرار ٿيڻ جي ڪوشش ۾ گرفتار ڪيو ويو هن چيو ته چوڌري پرويز الاهي جي گرفتاري دوران مزاحمت به ڪئي وئي ۽ جنهن گاڏي ۾ هو موجود هو، اها بلٽ پروف هئي، در ڪولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته در ته ڪليو. جنهن ڪانپوءِ گاڏي جا شيشا ڇڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ پوءِ جڏهن گاڏي جو در ڪليو ته چوڌري پرويز الاهي هٿ آيو واضح رهي ته پرويز الاهي ڪرپشن جي ڪيس ۾ عدالت ۾ عبوري ضمانت جي درخواست داخل ڪئي هئي پر گوجرانوالا جي اينٽي ڪرپشن عدالت چوڌري پرويز الاهي جي درخواست رد ڪري ڇڏي هئي، چو ته ضمانت لاءِ جواب دار جو عدالت ۾ پيش ٿيڻ ضروري هوندو آهي. پوليس طرفان ان ڪن اڳ به چوڌري پرويز الاهي جي گرفتاري لاءِ ڪيترائي ڇاپا هنيا ويا هئا پر ان جي گرفتاري عمل ۾ نه آڻي سگهي هئي.

بتايا ✻✻✻ 02

ڏيڻ ڪانپوءِ اوپن مارڪيٽ ۾ ريپئي جي قدر ۾ واڌ ٿي وئي. اسٽيٽ بئنڪ طرفان هڪ سرڪلر جاري ڪيو ويو. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهو هڪ مختصر مدي جو قدم آهي. چوته بئنڪن کي ڏيل اجازت 31 جولاءِ تي ختم ٿي ويندي. ان قدم کان اڳ انٽر بئنڪ مارڪيٽ جي پيٽ ۾ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت 30 روپيا وڏيڪ هئي، گذريل ڏينهن انٽر بئنڪ ۾ آمريڪي ڊالر 285 روپين 47 پئسن تي بند ٿيو هو ايڪسچينج ڪمپنيز ايسوسيئيشن آف پاڪستان يح جنرل سيڪريٽري ظفر پراچا موجب اسٽيٽ بئنڪ صحيح وقت تي درست فيصلو ڪيو. ان سان اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت 20 کان 25 روپين تائين ڪري پوندي ۽ انٽر بئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ وڏي فرق کي گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ملندي. هن چيو ته موجوده صورتحال ۾ ايڪسچينج ڪمپنين جو گهڻي پاڳي ڪاروبار بئنڪن سان آهي، چو ته اهي ڪريڊٽ ڪارڊز لاءِ ايڪسچينج ڪمپنين کان ڊالر خريد ڪري رهيون هيون. مرڪزي بئنڪ جي فيصلي ڪانپوءِ اوپن مارڪيٽ ۾ بئنڪن طرفان ڊالر جي طلب گهٽ ٿي وئي، جنهن سبب ان جي قيمت ۾ تيزي سان لاٿ ڏني وئي.

بتايا ✻✻✻ 03

. بينچ ۾ جسٽس اعجاز الحسن، جسٽس منيب اختر، جسٽس مظهر علي اڪبر نقوي، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس عائشه ملڪ، جسٽس حسن رضوي ۽ جسٽس شاهد وحيد شامل آهن. اج ٻڌڻي شروع ٿي ته چيف جسٽس آف پاڪستان چيو ته اٽارني جنرل صاحب توهان کي ڪجهه چوڻو هو اٽارني جنرل چيو ته اسان وٽ به قانون آهن. هڪ سپريم ڪورٽ ريويو آف آرڊر ايندڙ جحمينٽ ايڪٽ، ٻيو سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ آهي. ٻنهي ايڪٽن ۾ نظرثاني ۽ وڪالت جون شقون ساڳيون آهن. سپريم ڪورٽ جي پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ وڏيڪ وسيع آهي، ان ۾ سپريم ڪورٽ جي اندروني معاملن سان لاڳاپيل شقون شامل آهن. اهو ضروري آهي ته ان جي لحاظ کان ٻنهي قانونن تي هڪ حل تي پهچي وڃي. چيف جسٽس چيو ته هو پارليامينٽ کان پڇي سگهن ٿا ته ٻن قانونن جي هم آهنگي کي ڏسجي، هو توهان جي تجويز کي پليڪار ڪري ٿو. سني گالهه آهي ته پارليامينٽ ۽ حڪومت هڪ ئي قانون ۾ ترميم ڪري رهيا آهن. حڪومت کي قانون سازي کان بچايو وڃي. سپريم ڪورٽ سان صلاح مشورو ڪيو وڃي. جسٽس محمد علي مظهر چيو ته قانون ساڳيا آهن ته پوءِ حل ئي سگهي ٿو يا نه؟ جيڪڏهن ضابطا ساڳيا آهن ان

بتايا ✻✻✻ 04

سي آر منصوبو بيهر چائنيز اختيارين کي موڪليو ويو آهي. اميد ته منظور ٿي ويندو. اهو منصوبو شهر جا ٽريفڪ مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي. سنڌ حڪومت کي سي آر منصوبي کي جلد شروع ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ رهي آهي. وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته منصوبي جو دستاويزي ڪم مڪمل ڪيو وڃي. گڏوگڏ سينيئر ممبر بورڊ آف ريونيو کي به هدايت ڪئي ته ڪي سي آر منصوبي جي اراضي جو مسئلو حل حل ڪري هڪ هفتي اندر رپورٽ پيش ڪئي وڃي. مراد علي شاهه چيو ته چين سان سنڌ ۽ وفاقي حڪومت جو ڪي سي آر تي جوائنٽ ورڪنگ گروپ بڻجي ويندو ۽ منصوبو جلد منظور ڪرائي ڪم شروع ڪرائيندا سين.

بتايا ✻✻✻ 05

جي رجسٽريشن بابت ليگل ٽيم کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. جهانگير ترين پنهنجي نااهلي بابت امڪاني پٽيشن تي به ليگل ٽيم سان مشاورت ڪئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته جهانگير ترين اسلام آباد کان لاهور پهچندو ۽ اهم ترين شخصيتن سان ملاقاتون ڪندو. واضح رهي ته جهانگير ترين ٻن ڏينهن دوران ڪيترن ئي سياسي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري چڪو آهي.

بتايا ✻✻✻ 06

پارٽي آهي، مون کي پارٽي ۾ وجود آهي پر ظالم ٻيءَ اڪيلائي ۾ وڃي پت کي چري سان ڪُهي ڇڏيو ۽ هوان جي سامهون تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو پوليس موجب ٻار جو لاش قبضي ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ جمع ڪرايو ويو ۽ جوابدار رفيق کي گرفتار ڪري وڌيڪ ڇاڻ شروع ڪئي وئي آهي.

بتايا ✻✻✻ 07

نشانو بڻايل جنهن دوران دهشتگردن ۽ سيڪيورٽي فورسز جو ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي. آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته فوجي جوانن

دهشتگردن کي بهادري سان جواب ڏنو. جڏهن ته مقابلي ۾ وڙهندي به سپاهي شهيد ٿي ويا.

بتايا ✻✻✻ 08

سويلين ۽ عسڪري قيادت شريڪ ٿيندي، اجلاس ۾ آرمي چيف ۽ وفاقي وزير به شرڪت ڪندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته قومي سلامتي ڪميٽي جي اجلاس ۾ امن امان جي صورتحال تي غور ڪيو ويندو.

بتايا ✻✻✻ 09

جو ڪاڏو 34 کان 36 سيڪڙو لڳايو هو، شهري علائقن ۾ مهانگائي 35.1 سيڪڙو جي سطح تي رڪارڊ ڪئي وئي، جڏهن ته بهراڙي وارن علائقن ۾ مهانگائي 42.2 سيڪڙو جي بلند ترين سطح تي پهچي چڪي آهي. گڏپ ڪاتي موجب شهري علائقن ۾ ڪاڏي پيتي جون شيون 48.65 سيڪڙو مهانگيون رهيون، جڏهن ته بهراڙي وارن علائقن ۾ ڪاڏي پيتي جون شيون 52.4 سيڪڙو مهانگيون رهيون.

بتايا ✻✻✻ 10

کان پٽڙي تان لٿل آهي ۽ اهو 30 جون تي ختم ٿي رهيو آهي. ذريعن موجب آءِ ايم ايف سربراهه هڪ ٻئي آءِ ايم ايف پيڪيج جي ضرور بابت وزيراعظم جي خيالن جو هڪاري جواب ڏنو سفارتي ذريعن ۽ عالمي ماليياتي ٽنڪ ٽينڪس موجب ايندڙ مالي سال ۾ 25 ارب ڊالر جي قرض واپسي ۽ ڊيفالٽ کان بچڻ لاءِ پاڪستان کي آءِ ايم ايف کان نئون پيڪيج وٺڻو پوندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف جي ايم ڊي پنهنجا مطالبا ورجائيندي چيو ته پاڪستان فوري طور تي پرڏيهي قرضن جو انتظام ڪري ۽ انتظامي ڪنٽرول ختم ڪندي ڊالر جو آڳهه مارڪيٽ فورسز تي ڇڏي ڏئي. پاڪستان ۾ آءِ ايم ايف جي مشن چيف ناصر پرتڪ به گذريل ڏينهن پنهنجي بيان ۾ چيو هو ته پاڪستان کي ايندڙ مالي سال جي بجيٽ آءِ ايم ايف جي فريم ورڪ موجب پيش ڪرڻ گهرجي ۽ ايڪسچينج ريٽ پاليسي تي به ڪليرٽيءَ اڻڻ گهرجي. واضح رهي ته حڪومت جو آخيني مدو به 12 اگسٽ تي ختم ٿي رهيو آهي ۽ اهو ڏسڻو پوندو ته ڇا هيءَ حڪومت يا عبوري حڪومت آءِ ايم ايف سان نئين پروگرام لاءِ ڪا گالهه ٻولهه شروع ڪندي؟

بتايا ✻✻✻ 11

چيو ته 9 مئي جا واقعا افسوس جوڳا آهن. فوج تي حملا دهشتگردي آهي آئون پارٽي جي ماڻهن اهي ۽ ايل پي جي جو گهريلو سئلينڊر 438 روپيا سستو ڪيو ويو آهي. ان جي نئين قيمت 2321 روپيا 22 پئسا مقرر ڪئي وئي آهي. اوگرا چيو آهي ايل پي جي جا نوان اگه سڄي ملڪ ۾ تمام جلد لاڳو ٿيندا.

بتايا ✻✻✻ 15

ڪيو ويندو. رپورٽن موجب ايوان ۾ ڪارروائي بابت ٺهراءُ 187 جي پيٽ ۾ 241 ووٽن سان منظور ڪيو ويو. ووٽ منظور ڪرڻ سان بل تي

بحث جي شروعات ٿي رٿي آهي ۽ هاڻ پروٽنگ جو رستو به کلي ويو آهي. قرض جي حد 31.4 کرب ڊالرن تائين محدود رکڻ کي معطل ڪرڻ جو بل ايوان ۾ پيش ڪيو ويندو. ايوان ۾ 213 ڊيمڪريٽس ۽ 222 ري پبلڪنز ميمبر آهن. پر 29 ري پبلڪنز کي بل تي اعتراض آهي. اهڙيءَ طرح بل منظور ڪرڻ لاءِ ري پبلڪنز کي حريف ڊيمڪريٽس جي به حمايت گهربل آهي. ايوان نمائيندن جي ري پبلڪن اسپيڪر ڪيون مڪ ڪارٿي جو چوڻ آهي ته بل تي ووٽنگ پاڪستان وقت موجب صبح جو ساڍي پنجين وڳي ٿيندي ۽ اهو منظور ڪيو ويندو. قانونسازي ڪئي وئي ته قرض جي حد پهرين جنوري 2025ع تائين معطل ڪئي ويندي. اهڙيءَ طرح نومبر 2024ع ۾ ٿيندڙ صدارتي چونڊن ۾ ان معاملي تي سياست نه چمڪائي سگهبي.

بتايا ✻✻✻ 16

ٽرانسپورٽ سسٽم، اي ڪارڊ سسٽم تي ڪم فوري طور تي مڪمل ڪيو وڃي. اجلاس ۾ ٽرانسپورٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ پيپلز بس سروس جي ايپليڪيشن تي به ڪم فوري طور تي مڪمل ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون. اجلاس ۾ ٽرانسپورٽ واري سيڪريٽري سليم راجپوت، سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي ايم ڊي ڪمال ڊايو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ شرجيل انعام ميمڻ حڪم جاري ڪيا ته پيپلز بس سروس جي ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سسٽم کي فوري طور تي فعال ڪيو وڃي. اجلاس ۾ گالهائيندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اليڪٽرڪ بسز جي چارجرز جي ڪوٽ جلد ختم ڪئي وڃي. چارجرز جو جلد ڪان جلد بندوبست ڪيو وڃي. اي وي ون جون بسون جلد عوام جي سفري سهولتن لاءِ روڊن تي آنديون وجن. شرجيل انعام ميمڻ وڏيڪ چيو ته جن روٽيس تي بس سروس شروع نه ٿي آهي انهن روٽس تي به جلد کان جلد بس سروس شروع ڪئي وڃي. پيپلز بس سروس جي اسٽاپن جو ڪم فوري طور تي مڪمل ڪيو وڃي.

بتايا ✻✻✻ 17

خاص گالهه ٻولهه ڪندي شاهد خاقان عباسي چيو ته گالهه هاڻي گالهين جي نه آهي پر معاملا طئي ڪرڻ جي آهي جنهن حد تي اسان پهچي ويا آهيون ڪنهن پارٽي ۾ صلاحيت نه آهي گالهه رڳو معيشت نه پر پوري نظام کي تبديل ڪرڻ پوندو ۽ جو حڪومت آهي جيڪا مسلسل پندرهن سالن کان ولي اقتدار ۾ رهندي پئي اچي. هن جو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ڪو به واسطو ناهي. پيپلزپارٽي اقتدار خاطر سداڻين سنڌ جي حقن تي سوديبازي ڪئي آهي.

بتايا ✻✻✻ 18

ملازمن لاءِ پگهارن ۾ سني واڌ جي تجويز آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته سرڪاري ملازمن ۽ پينشنرن لاءِ ترتيب وار 20 ۽ 15 سيڪڙو تائين واڌ جو امڪان آهي. جڏهن ته اي او ٻي آءِ جي پينشنرن لاءِ ڏاريفنڊ رکڻ جي تجويز آهي. ذريعن موجب سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 20 سيڪڙو تائين واڌ جي شروعاتي تجويز آهي ۽ پينشنرن لاءِ واڌ شروعاتي طور تي 15 سيڪڙو تائين تجويز ڪئي وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته وفاقي

بڦايا سنڌيار 01

بدين روڊ تي لاشاري برادري سنڌ ترقي پسند پارٽي ۽ ٻين مختلف ساٿاه وندن طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي جيڪب آباد پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن عنايت علي لاشاري ،پير عظيم شاهه خادم حسين لاشاري، بشير احمد لاشاري، ڪمن لاکو محرم چانڊيو ۽ ٻين جيڪب آباد پوليس جي دعويٰ ڪي رد ڪندي چيو ته نل واسي صدام لاشاري بيگناهه هوجنهن کي پوليس پهريان گرفتار ۽ پوءِ ڪوڙ مقابلو ڏيکاري قتل ڪيو آهي، هنن چيو ته نوجوان صدام لاشاري جو رت بيدردي سان وهايو ويو آهي جيڪو ڏکائيندڙ واقعو آهي، اڳواڻن ٻاران جيڪب آباد پوليس جي اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آئي جي سنڌ ٻاران چيو ويو آهي ته نوجوان صدام لاشاري واري معاملي جي انڪوائري ڪرائي ويندي وارث جنهن به آفيسر لاءِ چوندا ان کان ئي جاچ ڪرائيندا سين مظاهرين وڌيڪ چيو ته اسان چئون ٿا ته آئي جي صاحب جاچ پلي ڪرايو پر ان کان اڳ صدام لاشاري جي خون ۾ ملوث ايس ايچ او غلام نبي بجارائي ۽ ٻين ڪوڙي مقابلي ۾ ملوث سمورن جوابدارن اهلڪارن کي معطل ڪري ڪين پوليس حراست ۾ ضرور ورتو وڃي هنن وڌيڪ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کان معاملي جي پاڻمرادو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو ته بيگناهه قتل ٿيل صدام لاشاري جي خون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ سيني ملوث جوابدارن کي فوري طور تي گرفتار ڪري مٿن ڪيس هلايو وڃي

بڦايا سنڌيار 02

وڪرو ڪندڙ پورهيت عبدالرشيد پٺاڻ جو 8 سالا معصوم پٽ محمد حمزو پٺاڻ گهر کان شهر ۾ ڪم سانگي نڪتو جيڪو گذريل 4 ڏينهن کان پراسرار نموني گم ٿيل آهي وارثن جي 4 ڏينهن جي مسلسل گولا باوجود معصوم نينگر هٿ اچي نه سگهيو آهي جنهن سبب نينگر جي امڙ کي ٻي هوشي جا دورا پئجي ويا دماغي مريض بڻجي وئي انهي سلسلي ۾ معصوم حمزه پٺاڻ جي والد پورهيت عبدالرشيد ميڊيا کي ٻڌايو ته نينگر ڪم سانگي گهران نڪتو آهي نينگر ذهني طور موٽي دماغ جو آهي ڏاڍا پريشان آهيون هن، آءِ جي سنڌ پوليس، ايس ايس پي سانگهڙ ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نينگر جي گولا ۾ مدد ڪئي وڃي

بڦايا سنڌيار 03

رهواسي ٻن چئن شوڪت علي پنهور ۽ يونس پنهور جي بازيابي لاءِ پنهرا برادري جي سوين ماڻهن نڪرائو پل وٽ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو، مختلف ڪوئن گوٽ حيات پنهور، قائم پنهور، رمضان پنهور ۽ ڪوندو جي رهواسين تاج محمد پنهور، ڊاڪٽر غلام نبي پنهور، لال دين ،ممتاز علي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪوناڻن چيو ته گذريل ڏينهن اسان جي ٻن نوجوانن کي عادلپور ٿاني جي حد مان اغوا ڪيو ويو آهي پر هن مهل تائين ڪڪ پڇي ٻيٽو به ناهي ڪيو، ڏاڙيل فون ڪري ڏمڪيون ڏئي رهيا آهن پر پوليس رڳو حد بندي جي تڪرار جاڻائي واپس ڪري ڇڏي ٿي، احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته گهوٽڪي پوليس عادلپور ٿاني تي موڪلي ٿي جڏهن عادلپور پوليس چئي ٿي ته اغوا جو واقعو گهوٽڪي جي حد ۾ ٿيو آهي، هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسين مسڪين آهيون ناحق ٻنهي جڻن کي اغوا ڪيو ويو آهي پوليس کا به مدد نه ٻڌي ڪري، هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور اسان جي ٻنهي نوجوانن کي بازياب ڪرايو وڃي.

بڦايا سنڌيار 04

پورهت اصغر قريشي مسمات شاهده علي محمد قريشي پريس ڪلب پهچي دانهنڊي ٻڌايو ته اسانجي اباڻي گهر تي رٿائڙو پوليس اهلڪار لياقت قريشي سندس پاڙ سڪندر قريشي محمد علي قريشي حاليا برساتن دوران ڪري پيل گهر جي پلاٽ تي قبضو ڪري گهر ٺهرائي ڇڏيو آهي هنن چيو ته برساتن بعد اسانجو گهر ڪري پيو اسان ڪراچي لڏي وياسين ته پويان بااثر پوليس اهلڪار روينيون سان ملي ڪوڙا ڪاغذ ٺهرائي گهر جي پلاٽ تي قبضو ڪيو آهي جنهن جو فيصلو اڳوڻي ٽائون ناظم عبدالرئوف خانزاده وٽ ٿيو جتي فيصلي جون ڪاپيون به موجود آهن جن تي به هوءَ عمل نه ڪري رهيو آهي هنن آءِ جي سنڌ ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور بااثر خلاف ڪاروائي ڪري گهر تان قبضو ختم ڪرائي تحفظ ڏنو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بڦايا سنڌيار 05

اسپيشلسٽ جي جڳه تي سفارشي طور ايڪسري ٽيڪنيشن نصير ابڙو کي انچارج ڪيو ويو آهي، نصيرابڙو ايڪسري ڊپارٽمينٽ جو ڪم ڪرڻ بجاءِ سٽي اسڪين ڊپارٽمينٽ جو ڪرتا ڌرتا بڻيل ذرائع موجب نصيرابڙو رشوت بغير سٽي اسڪين ۽ ايم آر آئي ڪرڻ کان ڪنو جواب ڏئي ڪيترن ئي عورت مريضن جي تذليل ڪري چڪو آهي جڏهن ته رشوت نه ڏيندڙ مريضن سان جهيڙا روز جو معمول بڻيل آهن اسپتال جي عملي سميت متاثر مريضن توڙي سڪر جي سول سوسائٽي ايم ايس سڪر ۽ سيڪريٽري صحت کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور هن ڪرپٽ ٽيڪنيشن نصير ابڙو کي هٽائي سٽي اسڪين ايم آئي آر ۾ پروفيشنل ماڻهو رکي غريب عوام کي پريشاني کان بچايو وڃي ٻي صورت سول انتظاميه خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو

بڦايا سنڌيار 06

پنهنجي معيار ۾ اهڙي قسم جي پل هاڻي ڪٿي به نه رهي آهي گهارو وٽ ان پل جي ايتري اهميت آهي جو مالوند ماڻهون ساڪرو سائيڊ ۽ ٻين علاقن جا ماڻهو برساتن ۾ پنهنجا مال هن پل مان گذاري جبلن ڏانهن ويندا آهن پر هن پل جي زوبون حال جي ڪري ڪڏهن به ڪو جاني نقصان ٿي سگهي ٿو هن پل جا پاسا ڪري چڪا آهن ۽ هيٺان جيڪي پٿرن سان جڙيل پيچنگ هئي اها پڻ ڪرڻ لڳي آهي مٿان ڪان مٽي ۽ پٿرن جا وزني ڊمپر گذرڻ ڪري پل آخري پهاهن ۾ آهي هتي جي ماڻهن ٻڌايو ته هن پل مان گذرندڙ ڪيترن ئي گوڏن جو مڻين رستو آهي جيڪر هي پل ڪري پئي ته گوڏن جو رابطو شهر سان ڪٽجي ويندو ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته ايم پي اي جام اويس گهرام جوڪيو پڻ ان پل جي ريپرنگ لاءِ منظوري ورتي آهي پر لاڳاپيل ادارا هن پل کي مرمت ڪرڻ ۽ نئي پل ناهڻ لاءِ تيار ناهن گهاري شهر جي عوام اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي قديمي پل جي مرمت ڪئي وڃي ۽ ڊي سي ٺٽو کي اپيل آهي ته هن پل مٿان گذرندڙ هيوي ٽريفڪ بند ڪري پل کي بچايو وڃي ٻي صورت ۾ ڪنهن به ٽائم ڪوڙو حادثو پيش اچي سگهي ٿو

بڦايا سنڌيار 07

پاران جاري ڪيل بيان موجب سڪر پوليس ڳجهي اطلاع تي خيرپور جي هڪ خانگي اسپتال تي ڇاپو هڻي خطرناڪ ڏاڙيل امام بخش عرف هيمو جتوئي کي گرفتار ڪري مردہ گرفتاري لاءِ سنڌ حڪومت کي 10 لک روپيا انعام جي سفارش ڪئي وئي آهي گرفتار ٿيل ڏاڙيل جي جيئري ۽ مرده گرفتاري لاءِ 10 لک روپيا انعام مقرر ٿيل آهي گرفتار ڏاڙيل پوليس کي ڪيترن ئي سنگين ڪيسن قتل ۽ ڏاڙاپوليس مقابلن سميت پين ڪيسن ۾ گهربل هو، گرفتار جوابدار کي وڌيڪ رمانڊ لاءِ سيڌي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو.

بڦايا سنڌيار 08

، مذهبي تنظيمن ، مينارٽيز، واپارين، دوڪاندارن، استادن، شاگردن، صحافيون، وڪيلن، ڊاڪٽرن سميت مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ شهرين پاران هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ ڪڍي احتجاجي مارچ ڪري شهر جي مختلف رستن کان ٿيندو ماڻ ۾ شامل ماڻهن پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته اجمل ساوند جو قتل هڪ فرد جو قتل نه آهي پر سنڌ جي شعور جو قتل آهي، هنن چيو ته سنڌ ۾ ظلم ، بربريت وڌي ويو آهي جنهن تي جي ڊبليو سي سرايا احتجاج ٻڌيل آهي هنن چيو ته 55 ڏينهن گذري ويا آهن سنڌ جو شعور روڻن تي آهي، سنڌ جو اديب، شاعر، ڊاڪٽر، وڪيل، قلمڪار، سول سوسائيٽي جا اڳواڻ سرايا احتجاج ٻڌيل آهن پر سنڌ حڪومت ۽ آءِ جي سنڌ پوليس چپ جو روزو رکيون ويٺا آهن، هنن چيو ته اڄا اجمل ساوند جو خون سان انصاف نه ٿيو آهي مٿان ٽل جي سماجي اڳواڻ صدام لاشاري کي بيدرديءَ سان قتل ڪري پوليس گرڊي ڪئي وئي آهي، هنن چيو ته سنڌ ۾ ظلم ۽ بربريت وڌي وئي آهي يقينن ان ۾ پوتارڪو نظام ملوث آهي، مظلوم جو خون اسان رائيگان ٿيڻ ڪنهن به صورت ۾ نه ڏيندا سين، هنن چيو ته ڪنهن به مظلوم جو خون ٿيندو ته جي ڊبليو سي ۽ باشعور ماڻهون پنهنجو ڪردار ادا ڪندا، جڏهن ته ان موقعي تي مختلف سياسي، سماجي، ٽريڊ يونين اڳواڻن دادو پريس ڪلب جو صدر صابر پنڊ، پ ٽ الف مرڪزي سيڪريٽري جنرل غازي خان جمالي، عنايت جمالي، محمد وسيم ڪوڪر، شمشاد جتوئي، فنڪار ويلفيئر ٽرسٽ جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل رشيد چارڻ، چيمبر آف ڪامرس دادو جي سرپرست اعليٰ حاجي غلام قادر سولنگي، اڳوڻو صدر عبدالله ڪوڪر، مينارٽي اڳواڻ گرمڪداس، وڪيل لال چند، پ ٽ پ اڳواڻ وفا بهادر چانڊيو، ڪامريڊ رحيم جمالي، پير مٺل معذور ايسوسيئيشن اڳواڻ نظير سولنگي، ادبي سنگت اڳواڻ رجب آزاد، سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل اڳواڻ صحافي لياقت ملڪ، سجوا اڳواڻ صاحب خان چانڊيو، جسقر اڳواڻ نياز چنڊ، ڪائونسلر قربان چانڊيو، سي آر سي اڳواڻ ساجد مستوئي، صابر آرائين، راجا الطاف عباسي، دانش خشڪ، سماجي اڳواڻ مجيب پنهور، علي جمالي، ضمير ڪوريجو، اعجاز ملڪاڻي، عبدالحميد ميمڻ، محمد بخش ڪوراڻي، امتياز چانڊيو، راجا رفيق پنهور، صداقت سومرو عبدالمجيد جهتيال، غلام مصطفيٰ مڳسي، سيد امير شاهه، بخاري فاروق وگهيو، مختيار علي جتوئي، فاروق جتوئي، گلشير سولنگي، نياز سخيراڻي، منظور مستوئي، سجڻ چانڊيو، ليڊي هيلٿ ورڪر شهناز سومرو، سماجي اڳواڻ روزينه جتوئي، ذوالفقار برهماڻي، ضمير چانڊيو، اڪبر لاشاري، عباس جمالي، علڻ نائچ، شاهنواز سومرو وسيم پنهور، نديم قريشي ۽ ٻين خطاب ڪيو.

بڦايا سنڌيار 09

اشفاق احمد لاشاري کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان اديب پان پراڳ جا 45 پيڪٽ هڻ ڪري مڪس ڪيس داخل ڪيو ويوآهي ان ڏس ۾ ايس ايچ او جو چوڻ آهي ته ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جي هدايتن تحت سماجي براين خلاف ڪاروائيون جاري آهن.

بڦايا سنڌيار 10

سائل سمون سيد سجاد شاهنادر علي لاشاري،بابر جوڳي، سميت مسعود سهتو شهباز علي سومرومحمد يونس سومرو ۽ علي رضا انصاري ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو ته جيستائين شهيد سوشل ورڪر صدام حسين لاشاري جي قتل سان انصاف نٿو ٿئي ۽ قاتلن کي ۽ ان قتل ۾ ملوث ٻين ڏوهارين کي گرفتار نٿو ڪيو وڃي تيستائين اسانجو احتجاج جاري رهندو هنن وڌيڪ چيو ته هڪ سچي سوشل ورڪر شاعر صدام حسين لاشاري جو آخر ڪهڙو قصور ڪهڙو هيو هن ٽل شهر اندر هلندڙ منشيات وڪرو ڪندڙن جنسي اڏا هلائيندڙ ماڻهن جي نشاندهي ڪئي ان جي ان کي ايڏي وڏي سزا ڏني ويئي جو هن کي جڙتو مٿابلو جاڻائي ٽل پوليس ڪورٽ کان مٿانهون قتل ڪري قانون جو ڏيڃيو اڏائي ڇڏيو هنن سنڌ حڪومت سپريم ڪورٽ هاءِ ڪورٽ آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سنڌ کان گهر ڪئي ته ٽل پوليس ايس ايچ او سميت صدام لاشاري جي قاتلن کي گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي.

بڦايا سنڌيار 11

اي ايس آئي علي محمد ٻارڻ پنهنجي پٽ فياض احمد ٻارڻ سان گڏ سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي صحافين اڳيان ڏاهيندي چيو ته آئون اي ايس آئي ريٽائر ملازم آهيان منهنجو گذر سفران پينشن جي پگهار تي آهي پر گذريل ٽن مهينن کان منهنجي پگهار رکي پئي آهي جنهن جي ڪري مان ۽ منهنجو پورو خاندان فاقه ڪشي جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهي، ٽريزي آفيس جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيو آهيان، اڪائونٽ آفيسر ايف او ٽو فارم ڏيڻ جو چيواهو به ڏنو پر ان جي باوجود به پگهار نٿا ڇاڙهين، اهڙي دانهن ٽريزي آفيسر عبدالله کي پڻ ڏني جنهن به منهنجي ان ٻڌي ڳالهه ڪري ڇڏي، هاڻي هو منهنجي ذاتي پينشن مان پئيسا ڪاٽڻ جي چڪر ۾ مونکي رلائي رهيا آهن، هن چيو ته آئون شگر جو مريض آهيان منهنجي گهرواري به بيمار آهي هن مهانگائي جي دور ۾ منهنجا بچا ڪاڪاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن، هن وزير اعليٰ سنڌ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته اهڙي نااهل ٽريزري آفيسر کي هٽائي منهنجي رڪيل پگهار جاري ڪئي وڃي.

بڦايا سنڌيار 12

سجاولي پريس ڪلب ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي اڳواڻن، واپارين، سوشل ورڪرن، صحافيون، شاعرن، اديبن، پ ٽ الف جي اڳواڻن سميت مختلف تنظيمن جي اڳواڻ پڻ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي شريڪ اڳواڻن احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ جي حوالي سان مختلف قسمن جا رايا ڏنا، جنهن ۾ سيني جي گڏيل راءِ سان ايندڙ 7 جون تي شهر جي مامو لاڏو چوڪ کان پبلڪ پارڪ چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍڻ جو فيصلو ڪرڻ سميت تحريڪ ڪميٽي جوڙي وئي، جنهن ۾ ساگر سليم ڪوسو، واپاري نياز ميمڻ، آڪاش ٻاگهل، گل حسن رند، عباس ملاح، جمن سنڌي، گلزاررند، خميسو ميمڻ کي مقرر ڪيو ويو جيڪي تحريڪ کي وڌيڪ اڳاڙي ڪرڻ لاءِ پرڪوشش ڪندا. ان موقعي تي گڏجاڻي ۾ سورج سجاولي پريس ڪلب جوصدر محمد اسماعيل سرويچ، ملڪ صديق ملاح، نزاڪت شاه، خالد طاهراڻي، حافظ سعدالله ميمڻ، شاعر اياز امر شيخ، فريدگل شاعر، محمد عمر ميمڻ، عبدالحق ملاح، صوفي سلطان ڪوسو عبدالشڪور ميربحر، صالح رند، ڪنايت الله هوڙائي، سليم ملاح ۽ ڄاڻي جوڳي پڻ موجودهئا.

بڦايا سنڌيار 13

بابت گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ پي ڊي ايم اي، يو اين او، ايمرجنسي ريسڪيو سوشل ويلفيئر، روينيو چيمبر آف ڪامرس ۽ اين ايچ اين سنڌ جي ٻين ميمبر تنظيمن کان علاوه لائيو اسٽاڪ ڪاتي ۽ ادارن جي نمائندن شهرين توڙي ساٿاه وندن شمس الرحمان، ولي محمد، نظير احمد اڄڻ، سليم شيخ، مزمل، سردار خان، ڊاڪٽر رفيق، تنوير عباس، فيصل مغل، آصف شيخ ۽ ٻيا شريڪ ٿيا، برسات متاثرن جي بحالي لاءِ ڪر ڪندڙ پي آر پي پاران منعقد سيمينار ۾ اين ايچ اين ۽ ٻين ميمبر تنظيمن جي نمائندن پاران ڪيل اڳيراڻي رپورٽ پيش ڪئي وئي، ان موقعي تي مقررين جو چوڻ هو ته اسان کي ماضي جي قدرتي آفتن برساتن پوڻن مان سبق سکي ايندڙ پوڻن توڙي برساتن لاءِ قدم کڻڻ گهرجن، سنڌ سرڪار، پي ڊي ايم اي، اين ڊي ايم اي، بحالي وارو ڪاتو ۽ ادارن کي اڳواٽ اپاءَ وٺڻ گهرجن، سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ نقصان ٿيو، سنڌ سميت ملڪ ۾ حڪومتي ادارن سان گڏ ڪڏيل قومن ۽ ٻاهرين ملڪن سان گڏ فلاحي ادارن پريپور نموني ڪم ڪيو، لڪين گهر ڊهي پٽ ٿيڻ کان پوءِ انهن جي بحالي سان گڏ ڪاڏ خوراڪ وڏو چئلينج هيو جيڪو عمل اڄان تائين هلندڙ آهي هن وقت تائين هزارين ماڻهن مختلف علاقن ۾ گهرن کان ٻاهر ويٺل آهن

بڦايا سنڌيار 14

قتل خلاف جوڊيشل انڪوائري قائم ڪري قاتلن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي اڳواڻ تفصيل موجب ٽل پوليس هٿان بي گناهه قتل ٿيل سوشل ورڪر صدام لاشاري جي قتل خلاف گهڪهر شهر ۾ سول سوسائٽي صحافين ۽ لاشاري برادري جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جو چوڻ هو ته صدام لاشاري حق سچ ڳالهائيندڙ سوشل ورڪر هو جنهن علاقي ۾ هلندڙ فحاشي جي اڏن ۽ ٻين سماجي برائين خلاف آواز اٿاريو جنهن سبب هو مافيا جي نشاني تي اچي ويو ڪيس ڪافي وقت کان ڏمڪايو ويندو هو سندن ڏمڪين ۾ نه اچڻ سبب ڪيس پوليس هٿان گرفتار ڪرائي ڪيس بي گناهه قتل ڪيو ويو احتجاجي ڪندڙن ۾ ڊاڪٽر اصغر لاشاري، علي شير جمالي زاهد زهراڻي، علي چانڊيو جمشد زهراڻي صحافي اصغر لاشاري ،ڪامريڊ گل بهار لاشاري، لالو لغاري، عاشق ڪوڪر نور محمد ڪلمتي حاجي خان لغاري، نويد سولنگي،سليم ڪلمتي ۽ ٻين شرڪت ڪئي احتجاج ڪندڙ مطالبو ڪيو ته صدام لاشاري جي قتل خلاف آئي جي سنڌ پاران قائم ڪيل پوليس ڪميٽي مان مطمئن ناهيون واقعي جي اٿڙي جاچ لاءِ ججن جي ٽيم تي مشتمل جوڊيشل انڪوائري قائم ڪئي وڃي

بڦايا سنڌيار 15

جو درد رکندڙ نوجوان سماجي اڳواڻن مجتبيٰ خشڪ ۽ ساجد شيخ ٺٽي شهر ۾ پي پي سي ايل آفيس اڳيان مين نيشنل هاءِ وي تي ريجنل بلڊ سينٽر جامشورو جي سهڪار سان ٿيليسيميا جي مرض ۾ مبتلا ٻارن جي زندگين کي بچائڻ لاءِ بلڊ عطيو ڪيمپ منعقد ڪئي وئي، ڪيمپ ۾ ٺٽي جي شهرين جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪئي، جنهن ۾ خاص ڪري نوجوانن جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪري رت جو عطيو ڏنو جنهن دوران 100 جي لڳ ڀڳ رت جون بوتلون جمع ڪيون ويون انهي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سماجي اڳواڻ مجتبيٰ خشڪ، ساجد شيخ چيو ته ٺٽي جي عوام ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته ٺٽو درويشن ۽ صوفين جي ڌرتي آهي، جڏهن ته ڪيمپ ۾ مجتبيٰ خشڪ ، مظهر ميمڻ، ديا بلڊ ڊونيشن ڪيمپ ۾ منصور علي خان، ساجد شيخ، سرفراز احمد ۽ ٻين رضاڪار طور خدمتون سرانجام ڏنيون.

بڦايا سنڌيار 16

رکي نواب شاهه پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هٽي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ان موقعي تي مقتول نوجوان جي والد لال بخش چيو ته منهنجي پٽ کي پئسن جي ڏيتي ليتي تان جوابدارن شريف سولنگي، علي شير، علي دوست يونس ۽ قاضي احمد وچ شهر ۾ 9 گوليون هٽي قتل ڪيو آهي جيڪو اسان غريبن سان ظلم آهي ۽ هاڻي وري پنهنجي هڪ چوڪري هٽ سان زخمي ڪري منهنجي پٽ تي ڪارو ڪاري جو الزام هٽي رهيا آهن، هن چيو ته اسان پوليس صرف هڪ ماڻهو کي گرفتار ڪيو آهي جيڪو منهنجي جي پٽ جي قتل ۾ ملوث ناهي ليڪن پوليس هڪ بااثر جي چوڻ مڪ جوابدارن کي گرفتار نٿي ڪري ۽ هن وقت مذڪور جوابدار اسان کي ڪيس تان هٽ ڪٽڻ لاءِ موتمار ڏمڪيون ڏئي رهيا آهن، هنن مطالبو ڪيو ته مذڪور مڪ جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ ٻي صورت ۾ اسان لاش دفن نه ڪنداسين، جڏهن ته بعد ڊي ايس پي سٽي حبيب الرحمن لاشاري مظاهرين سان ڳالهيون ڪري روڊ کولرايو ۽ جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ وارثن کي يقيني ڏياڻي ڪرائي جنهن بعد مظاهرين نوجوان جو لاش کڻي روانا ٿي ويا.

بڦايا سنڌيار 17

غلام حيدر ناريجو، ضلع آرگنائيزر محمد سليم چنڊ، وريام علي چنڊ ، غلام نبي ڪولاچي ، صاحب خان شيخ ، علي اڪبر مڳرير، شاهد ميان پٽو، عبدالرزاق موهل، حاجي غلام مرتضيٰ ا مڳڻيجو، اختر علي ميراڻي ، عبدالستار ميراڻي ، فياض حسين سومرو ، رياض حسين ميراڻي ، عبدالرحمان ڪوريجو ۽ ٻين دوستن شرڪت ڪئي ، انهيءَ موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته ، اسين سلام ٿا پيش ڪريون پنهنجي قائد چيئرپرسن صاحبه ڪي جنهن هن ملڪ جي هلندڙ ظالم نظام ۾ پنهنجي پارٽي ۽ پنهنجي ٻچڙن کي بچايو ۽ شهيد مير مرتضيٰ ا پٽو جي نظريئي سان وفاداري ڪئي آهي ، هن پارٽيءَ ۾ هلندڙ هر ڪارڪن تي اعتبار ڪيو آ ، مگر افسوس جو ڪجه ماڻهن سندس جي اعتماد سان دوکو ڪيو ، اسين سندس جي 61 سالگرهه جي موقعي تي ڪيس سلام ٿا پيش ڪريون .

بڦايا سنڌيار 18

سندس ماءُ ظهيران کوسو بچائڻ لاءِ لٿي ت ٻئي ٻڌي فوت ٿي ويون اطلاع تي وارثن پنهنجي مدد پاڻ تحت مقامي ٽوبا گهرائي لاش جي ڳولا ڪئي پر اچا تائين لاش هٿ نه اچي سگهيا هئا هوڏانهن ماءُ ڏي جي ٻڌڻ واري اطلاع تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

بڦايا سنڌيار 19

ڪيترن ئي ڏينهن کان روزگار جي سلسلي ۾ جهاز چوڪ پرسان اسان پنهنجا ڊوزر ٻيهاري ڏان آهيون، هينئر ميونسپل ڪاميٽي انتظاميه نه ئي ٻيهڻ ڏئي هنن چيو ته اسان پورهيت ڪافي ڏينهن کان متاثر آهيون ،ميونسپل آفيسر ملڻ لاءِ تيار نه آهن اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بڦايا سنڌيار 20

جي اغوا جو ڪيس سندس والد احسان چانڊيو جي فرياد تي گناه نمبر 107/2023 آ قلم B365، 496 A ت_ پ تحت هڪ نامزد ۽ 4 نامعلوم جوابدارن خلاف اي سيڪشن ٿاڻي ۾ داخل ڪرايو ويو هيو، اغوا شده جي بازيابيءَ جي حوالي سان ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو پاران ڏنل خصوصي ٽاسڪ تي ايس ايچ او اي سيڪشن انسپيڪٽر بينظير جمالي ۽ ڊجيٽل انويسٽيگيشن ٽيم جي سب انسپيڪٽر راٿا آصف علي راجپوت ۽ سب انسپيڪٽر سجاد علي جمالي ڪيس تي ڪم ڪيو ٽيڪنيڪل ٽيم جي مهارت ۽ فون ڊيٽا ريڪارڊ جي مدد سان ڄاڻايل آفيسرن جي ٽيم پنجاب صوبي جي شهر رحيم يار خان واري علاقي ۾ ڇاپو هڻي اغوا ٿيل نوجوان ناري کي هٿ ڪري ورتو ۽ ڪيس ۾ نامزد مڪ جوابدار طارق محمود کي پڻ پوليس گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار ۽ بازياب ڪرايل ناري کي حفاظتي تحويل هيٺ دادو آندو ويو آهي انهن کي واسطيدار عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو جڏهن ته ڄاڻ مڪمل ڪري ڪيس کي قانون موجب اڪلايو ويندو.

بڦايا سنڌيار 21

يٽو،غلام نبي يٽو،محمد رفيق يٽو،محمد عالم يٽو،محبوب يٽو،محمد مبين بيگو يٽو، صحافي شاد محمود يٽو،۽ ٻيا گهوٽ حسين يٽو جا رهواسي پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين پرڏيهي وزير محترم بلاول پٽو زرداري ،ايم پي اي ادي محترمه فريال ٽالپر ،پ ٽ پ ضلعي لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري پاءُ اعجاز احمد لغاري ،پ ٽ پ يوسي پير بخش پٽو جو صدر استاد طالب حسين جرواڙ ،يوٽ تعلقو رتوديرو جو اڳواڻ پاءُ شاهد حسين جرواڙ ۽ ٻي پوري قيادت جا نهايت شڪر گذار آهيون جن اسان جي درخواست تي عمل ڪري اسان جي گهوٽ کي نشون روڊ ڏنو ۽روڊ جي پاڻ ٻيهي سروي ڪرائي اسڪول جي نئي سر بلڊنگ منظور ڪرائي ڏني اسان پ ٽ پ جي پوري قيادت ۽ خاص ڪري پائواعجاز احمد لغاري ۽ استاد طالب حسين جرواڙ جا شڪر گذار آهيون جن اسان جي گهوٽ کي اوليت ڏني لک قرب قيادت جا ۽ لوڪل قيادت جا احساب مند آهيون،مسجد شريف ڏانهن نماز پڙهڻ ۾ تڪليف ٿئي پئي جڏهن بارش جو پاڻي رستي تي ٻيهي پيو هاڻي روڊ جي ٺهڻ سان اهو مسئلو حل ٿي ويندو.

بڦايا سنڌيار 22

تي يار محمد سندراڻي،سليم جعفري،ثناءالله ڊومڪي ۽ ٻين دانهيون ته اسان پورهيت ڪيترن ئي ڏينهن کان روزگار جي سلسلي ۾ جهاز چوڪ پرسان اسان پنهنجا ڊوزر ٻيهاري ڏان آهيون، هينئر ميونسپل ڪاميٽي انتظاميه نه ئي ٻيهڻ ڏئي هنن چيو ته اسان پورهيت ڪافي ڏينهن کان متاثر آهيون ،ميونسپل آفيسر ملڻ لاءِ تيار نه آهن اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بڦايا سنڌيار 23

ڪرڻ کي يقيني ٻڌائين جڏهن ته مختلف علاقن ۾ ميڊيڪل ڪيمپون پڻ لڳائين ته جئين اتان جي غريب عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪري سگهجن هن ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته ٽنهي ضلعن ۾ ماءُ ۽ ٻار کي مختلف بيمارين کان بچاءُ لاءِ 5 کان 17 جون تائين منعقد ٿيندڙ 12 ڏينهن واري حفاظتي ٽڪن واري مهم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا وڃن جڏهن ته گرمي پد کي نظر ۾ رکندي حفاظتي ويڪسين جي ڪول چين کي برقرار رکڻ ۽ ويڪسين واري عملي کي هيٽ ويو ڪان بچائڻ لاءِ پڻ جوڳا قدم کنيا وڃن ڪمشنر ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته عوام کي حفاظتي ٽڪن جي فائدن بابت آگاهي ڏني وڃي ان موقعي تي اجلاس کي آگاهي ڏيندي ڊپلڊ ايچ او جي ڊسٽرڪٽ آفيسر اي پي آئي ڊاڪٽر ارشاد احمد ٻڌايو ته ڊويزن جي ٽنهي ضلعن ۾ 5 کان 17 جون تائين مختلف بيمارين کان بچاءُ لاءِ حفاظتي ٽڪن واري مهم منعقد ٿيندي جنهن لاءِ عملي جي تربيت، ويڪسين جي ڪول چين برقرار رکڻ سميت سمورا گهربل انتظام مڪمل ڪيا پيا وڃن هن وڌيڪ ٻڌايو ته مهم دوران ڊويزن جي ٽنهي ضلعن جي پيدائش کان وٺي 2 سال تائين عمر جي 75 هزار 360 ٻارن کي روٽين اميونائزيشن، 2 کان 5 سال تائين عمر جي 1 لک 88 هزار 400 ٻارن کي اڙي ۽ روبيلا کان بچاءِ جا ٽڪا لڳايا ويندا جڏهن ته 37 هزار 680 ماڻهن کي پڻ مختلف بيمارين کان بچاءِ جا ٽڪا لڳايا ويندا هن وڌيڪ ٻڌايو ته 60 سال کان مٿي عمر وارن 37 هزار 680 ماڻهن کي ڪورونا وائرس کان بچاءِ جو بوسٽر ڊوز پڻ لڳايو ويندو اجلاس ۾ ٽنهي ضلعن جي هيلٿ آفيسرن پاران ماءُ ۽ ٻار کي مختلف بيمارين کان بچاءِ لاءِحفاظتي ٽڪن واري مهم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ڪٽيل قدمن ۽ عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڪمشنر تو فياض حسين راهوجو،ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز شهيد بينظيرآباد ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر شهيد بينظيرآباد ڊاڪٽر دولت جمالي، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سانگهڙ ڊاڪٽر فيض محمد مري،اسسٽنٽ ڪمشنر جنرل لياقت لنڊ، ڊاڪٽر الله بخش راجپر، نبي بخش سميت ٽنهي ضلعن جي اي پي آئي بابت مقرر فوڪل پرسنز، ڊپلڊ ايچ او جي نمائندن شرڪت ڪئي.

بڦايا سنڌيار 24

ڊپٽي جنرل سيڪريٽري، سميع الله بگهيو، خزانچي حافظ منار علي چانڊيو، پريس سيڪريٽري زاهد حسين پرڙو، آفيس سيڪريٽري علي محمد بروهي، ايگزيڪيٽو ڪاميٽي جي ميمبر نياز علي چٽو، ميمبر آصف علي چانڊيو، ميمبر عبدالوحيد سمون، شر